رميش جي پتني اِها ڪوِيتا ٻڌي اِئين سمجهي ٿي تہ
دس گهوٽ رميش جو ڪنهن ٻيءَ عوَرت سان پيار آهي ۽
پيار جا خط لکي رهيو آهي. بس ٻنهي جي وچ ۾ بحث
ي ٿو. هنن جو بحث مذاقيہ ماحول پيدا ڪري ٿو. هن
ڪ ذريعي ليکڪ اِنهيءَ ڳالهہ ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ ۾
مياب ويو آهي تہ گهر جي ڀاتين ۾ رشتن جي دوُري، گهر
کِٽ پِٽ، گهر برباد ٿيڻ جا ڪارڻ بڻجن ٿا. شيلا گهوٽ
چوي ٿي، ''توهان جي ماءُ هٽلر آهي! اَهڙا ڪيترا واقعا
ن ڪيل آهن. سسُ لاءِ بہ ايتري عزت هئڻ کپي جيتري
لاءِ، زماني سارو نهڪي هلڻ گهرجي. پاڻ ۾ نفاق گهٽايون
زندگي سُکہ سان ماڻي سگهبي.
هن مجموعي جو مهاڳہ لکيو آهي احمدآباد جي ناميارِي
نيچ ڪلاڪار، شاعر ۽ آڪاشواڻي سنڌي وڀاڳہ جي اناؤنسر
ڙهو 'رفيق'. رفيق جي لکڻ موجب گرداس آهوجا ساهتيہ
ب ڪيتر ۾ هڪ پانڌيئڙو آهي، لڳن وارو آهي. ساهتيہ ۽
ف ڪهاڻيءَ تي بہ هن قلم هلايو آهي. هن جا لکيل ريڊيو
ڪ، ريڊيو تان پرسارت ٿيا آهن. ريڊيو ناٽڪ ۽ منچ ناٽڪ
ڻ ۾ وڏو فرق آهي. ڪامياب منچ ناٽڪ لکڻ وڏيڪ ڏکيو
ي. اِنهيءَ لاءِ ضرورت آهي ابياس جي، گرداس آهوجا ۾
نون آهن. مان گرداس ۾ هڪ ڪامياب ليکڪ (ناٽڪ نويس)
جڻ جا آثار ڏسان ٿو.''
مونکي پڻ اُميد آهي تہ گرداس محنت ڪري، ابياس
ري، ضرور اڳيان وڌندو ۽ هڪ مقبول ناٽڪ نويس طور
نجي جاءِ جوڙيندو.
شپ ڪامنائن سان. (سمپرڪ گرداس 09228872308)
ڪتاب ملي سگهي ٿو:

Naresh Ahuja
12, Sukhmani Apartment,
A-Ward, New Bunglow Area,
Sahijpur Bogha, Ahmedabad-382345.
Mo. : 7817886780-9429064299

مني ڪهاڻي

اِنعام




- سريش چيٿلال
آهوُجا (احمدآباد)

هڪ ميٽرو شهر ۾ هڪ بالاترين عملدار پنهنجي ٻُڍڙي ماءُ پيءُ سان رهندو هو. پئسي ٽڪي سُکي هو. ڏک گهٽ مهني ۾ هڪ لکہ تہ واهہ جي پگهار هئس. ڪار ۽ بنگلو بہ هوس ۽ در تي سرڪار طرفان دربان ۽ نوڪر چاڪر مليل هوس. جيئن چوندا آهن 'جهڙو اَنُ تهڙو منُ'، 'جتي رهي ماڻهو اُتي جو ٿئي اثر.' سا ڪار هن عملدار سان پڻ هئي. وڏن شهرن جي رُکي رويئي جو ان عملدار تي پڻ هوريان-هوريان اثر ٿيڻ لڳو، هوُ پنهنجا لڇڻ وڃائڻ لڳو. هڪ ڏينهن اَهڙو بہ آيو جو شاديءَ کان ترت پوءِ اِهو عملدار پُٽ پنهنجي ماءُ پيءُ کي ٻُڍا آشرم ۾ رهائڻ لاءِ وٺي ويو ۽ اُتي ڪجهہ اول چپن ۾ آهستي چئي پوءِ آشرم جي ڪارپُردازن سان ڪجهہ ڳوہ ۾ ڳالهائي رقم جا وڏا بنڊل ڏيئي ماءُ پيءُ کي ڇڏي ساڻن ڪجهہ ڳالهائڻ بنا يڪدم هلڻ لڳو!

اُمالڪ ماڻس پوئتان سڏ ڪري چيو، ''شاباس پُٽڙا شاباس ھُجي توکي جو مان توکان اڳہ توکي هن دنيا ۾ آڻڻ لاءِ تنهنجي پيءُ کي ڏيهہ جي روشني ڪونہ ڏسڻ ڏنم ان چڪر ۽ فڪر ۾ تہ پُٽ ڪُل تاريندو ۽ هوءَ ويچاري جهان مان گويا اَسان گُم ڪرائي. واه جو جيڪو اِنعام اَڄ ڏيئي رهيو آهين مونسان گڏ پنهنجي پيءُ کي بہ اولڊ هوم ۾ ڦٽو ڪري رهيو آهين.

Suresh Ahuja
18, Sukhmani Apartment,
A-Ward, New Bunglow Area,
Sahijpur Bogha, Ahmedabad-382345.
Mo. : 7817888191-9228852900



ڪلومل بلومل

- امر گوپالاڻي (اِندور)

ڪلومل : ”رام رام بلومل.“

بلومل : ”رام رام ڪلومل، يار ڪلومل، هي ڇا ٿي رهيو آهي؟ جيڏانهن ڏس هنسا جون گهٽنائون گهٽجي رهيون آهن. ڪٿي ڪنهن جو منهن ڪارو ٿا ڪن، ڪٿي ڪنهن سان مارڪٽ ڪري هڏ گڏ ٿا ڀڃن، ڪٿي ڪنهن بيگناهه جي هتيا ڪري ٿا ڇڏين، ڪنهن جي خطا جو خميازو ڪنهن بيگناهه کي ڀوڳڻو ٿو پوي.“

ڪلومل : ”اسان جي سنويڌان نرماتائن هندستان کي سيڪيولر ملڪ ظاهر ڪيو. سيڪيولر جو مطلب هو ڌرم جي آڌار تي ڀيدڀاو نه ڪرڻ، نه ڪ ڌرم کان ڪنارو ڪرڻ. بنا ڌرم جي راڄنيتي بيلغام ٿي ويندي آهي ۽ ماڻهن مان اِخلاق نڪري ويندو آهي ۽ سوارٿ، خودغرضي پرجي ويندي آهي. اِن جو خميازو ڪمزور طبقي کي ڀوڳڻو پوندو آهي. اسان جي نيتائن سيڪيولرزم جو من موافق مطلب ڪڍي اُن جو دُراُپيوگ (مس يوز) پنهنجي سياسي فائدن لاءِ ڪيو آهي. ان ماحول وڌيڪ بگاڙيو آهي. ٿورائيءَ وارا غلط ڪم ڪن ته اکهوت، گهڻائيءَ وارا ڪن ته رڙيون واڪا ۽ ڪنهن خاص پارٽيءَ کي ذميوار نهرائي اُن کي بدنام ڪرڻ جي ڪريا پرتيڪريا ٿيندي آهي. ڪيترين ئي سياسي پارٽيون چاهين ٿيون ته ڪريا پرتيڪريا جون گهٽنائون ٿينديون رهن، جيئن هو پنهنجي سوارٿ جي روٽي سيڪيندا رهن.“

بلومل : ”جنتا اِنهن گهٽنائن کي ڇو نه ٿي روڪي؟“

ڪلومل : ”جنتا کي لڳاتار گمراهه ڪيو ٿو وڃي. ٿوري چڻنگ ٻاري عوام کي ڀڙڪائي بيلغام ڀيڙ ۾ تبديل ڪري پڇ ڏاههِ، مار ڪُٽ، هنسا جو ماحول ٺاهيو ٿو وڃي. آڳ لڳڻ کان پوءِ پوليس جون لٺيون، گوليون، ڪيترن بيگناهن جو موت. ڇري بازيءَ، آگجنيءَ جون گهٽنائون نتيجي طور ڪرفيو. پوءِ مگر مڇ وارا ڳوڙها. ڪنهن جي خلافت، ڪنهن جي ٻُٽيرائي. سياست جي راند شروع. ڌرم کان سواءِ سياست بيلغام ئي رهندي. ڌرم اهنسا جي سکيا ته ڏئي، خود ڀڳوان شري ڪرشن گيتا جي اڌياءَ چار جي سلوڪ ۲۸ ۾ چيو ته، ’سواڌيايه گيان يجاشچ يتيه: سنشپت ورتاهه!‘ مطلب: ڪيترائي پرش اهنسا وغيره تڪا (ڪٺور) ورت رکڻ وارا ڪوشش ڪندڙ سواڌيايه روپ گيان يجيه (يگيه) ڪن ٿا. اهنسا کي ڪٺور ورت مڃيو ويو آهي. اِن جو پالن ڪرڻ لاءِ لڳاتار ڪوشش ۽ سوچ ويچار ڪندو رهڻ گهرجي. ڌرم جا نيڪيدار ڌرم جي سکيائن کي ڀُلجي اڌرم جي مارگ تي هلي رهيا آهن.“

بلومل : ”پر ڪلومل، گيتا جي چوٿين اڌياءَ ۾ ڪرشن اِهو پڻ چيو آهي ته دشٽن کي ناس ڪرڻ لاءِ، ساڌو پرشن جي رکيا لاءِ ۽ ڌرم جي نيڪ طرح اِستاپنا ڪرڻ لاءِ يگ يگ ۾ جنم وٺندو آهيان، دشٽن کي ناس ڪرڻ به ته هنسا آهي نه؟“

ڪلومل : ”آهي پر ضروري هئڻ تي هٿيار کڻڻ واجب آهن. پر اِهو ڪم ڪترين جو آهي. عام ماڻهوءَ کي ان جي اجازت ناهي، رکيا جو ڪم، دشٽن کي ناس ڪرڻ جو ڪم، اسان جون سينائون بخوبي ڪري رهيون آهن. اسان جو ڪم آهي اُنهن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ، اُنهن کي مارل سپورٽ ڏيڻ نه ڪ خود قانون هٿ ۾ کڻڻ. جيڪي نيتا عوام کي ورهائڻ-ويڙهائڻ جي ايجنڊا تي هلي رهيا آهن اُنهن کي ووٽ جي طاقت سان هارائي گهر ويهارڻو آهي. اِن لاءِ نفرت نه محبت جي ۽ ڀائيچارو وڌائڻ جي ضرورت آهي. راوڻ کي ناهي مارڻو، اُن جي اوگڻن کي مارڻو آهي. پاڻ کي به اِنهن اوگڻن کان بچائڻ جي ضرورت آهي.“

بلومل : ”ڀلي ڳالهه ڪيئه، گهڻي مٿي ماري ڪئي اٿي هاڻي اُٿ ته هلي چانهه پيئون.“

ڪلومل : ”هل ڀلي.“

Amarlal Gopalani
E-98, Saket, Indore-452018.
Mo. : 08989831884

ساهتيڪار مالي طرح ڪمزور آهن تن کي اِهي اڪادميون مالي مدد ڪن ٿيون. سنڌي ڀاشا جي وڪاس ۾ اڪادمين جو وڏو ڪردار پئي رهيو آهي. اهي اڪادميون مخزنون ۽ رسالا ڇپائين ٿيون، اديبن کي جوڳو اُجورو ڏين ٿيون. اديبن جي دل وري ٿي ۽ سندن قلم تيزيءَ سان هلي ٿو. نوان ليکڪ، رچنائون ۽ شعر سماج کي ملن ٿا. نون اديبن کي اُسرڻ جو موقعو ملي ٿو. پنهنجي قوت، ٽئلينٽ ڏيکارڻ جو موقعو ملي ٿو، سنڌي ڪلاڪارن کي پنهنجي ڪلا جو جوهر ڏيکارڻ لاءِ مالي مدد ملي ٿي. هوُ ناٽڪ، فلمون ۽ ننڍا وڏا پروگرام ڪري سماج کي ڪجهه ڏين ٿا اِئين انهن اديبن ۽ ڪلاڪارن دواران پنهنجي ڀاشا ذريعي سيوا جو موقعو ملي ٿو.

اڪادميون انواد ڪاريہ پڻ ڪرائين ٿيون اِئين هڪ ڀاشا جو ٻي ڀاشا ۾ اُلٿو ٿيڻ ۽ ادبي دنيا کي نئون ڪجهه ملڻ اڪادمين دواران سنڌي ڀاشا جي وڪاس ۾ وڏو هٿ پئي رهيو آهي. اڪادميون مشاعرن جو آيوجن پڻ ڪن ٿيون. مشاعرن ۾ شاعرن کي ٻڌو وڃي ٿو. جوڳو اُجورو ڏنو وڃي ٿو. مان-سنمان ٿئي ٿو. اِئين اڪادمين دواران سنڌي ڀاشا جي وڪاس ۾ وڏو هٿ پئي رهيو آهي.

سنڌي پروگرام ڪرڻ ۾، سنڌي فلمون ناهڻ ۾، سنڌي ڪتاب ڇپائڻ ۾، سنڌي ڪلاس هلائڻ ۾، سنڌي اخبارن ۾ مختلف اسڪيمن جا سنڌي ڀاشا ۾ اِشتهار ڏيئي سنڌي ڀاشا جي وڪاس ۾ يگانو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. سنڌي پترڪارن جا سيمينار، سنڌي مهلائن جي سيمينار ڪرڻ ۾ اڪادميون مالي مدد ڏين ٿيون. اڪادميون ۽ ادارا اديبن ۽ ڪلاڪارن کي اِنعام سان نوازين ٿا، ڪتابن، مخزنون، سي. ڊي. جي ٿوڪ خريدي ٿئي ٿي. سنڌي ڀاشا جي وڪاس ۾ ساهتيہ اڪادميون ۽ اِدارا اديبن ۽ ڪلاڪارن جون چناپيٽيون رکن ٿا. سنڌي اديبن ۽ فنڪارن جا سنمان ۽ ستڪار اِنعام ڏيئي ڪيا وڃن ٿا ان ڪان وڌيڪ اهم ڳالهہ اِها آهي تہ اڪادمين ۾ سنڌي اِسٽاف يعني عملو هجڻ ڪري ڪين روزگار ملي ٿو.

مرڪزي ساهتيہ اڪادميءَ طرفان ساهتيڪارن کي وڏا ڪتاب لکڻ لاءِ، ٻال ساهتيہ رچڻ لاءِ، نوجوان ساهتيڪارن کي نوجوان پُرسڪار ڏيڻ ۽ انواد ڪاريہ کي هٿي ڏيڻ لاءِ انواد پُرسڪار ڏنو وڃي ٿو.

مٿي ذڪر ڪيل ڳالهيون سنڌي ڀاشا جي وڪاس ۾ تمام وڌندڙ ۽ ڪارائتو رول ادا ڪري رهيون آهن. آخر ۾ مان آڪاشواڻيءَ جي ٻُڌندڙ مترن کي دل جي گهراين سان التجا ڪندس تہ سرڪاري توڙي خانگي ادارن جي ٿيندڙ ڪارين ۾ دلچسپي ضرور وٺو ۽ ها اڪادمين ۽ اِدارن تي صحيح شُڌ ۽ سنڌيت تان ٻلهار ويندڙ نج سنڌي شخصن کي ميمبريءَ جي سيٽ ملي اِها وقت جي تقاضا آهي ۽ سنڌي شخصن کي روزگار ملي پوءِ ڪوبہ اِئين نہ چوندو تہ سنڌيءَ ۾ تعليم وٺڻ سان ڪهڙو فائدو؟ اِئين چوڻ بند ٿي ويندا. مائٽ پنهنجن ٻارن کي سنڌيءَ ۾ تعليم ڏياريندا. سنڌين کي روزگار ملندو ۽ پئون ٻارهن ٿيندا ۽ اِئين چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ سنڌي ڀاشا وڪاس ۾ اڪادمين جو رول تمام تمام وڏو پئي رهيو آهي جنهن جو سنڌي سماج کي هميشهہ فائدو پيو رسندو.

(آڪاشواڻي احمدآباد بڙودا تان پرسارت ٿيل)

Suresh Ahuja
18, Sukhmani Apartment,
A-Ward, New Bunglow Area,
Sahijpur Bogha, Ahmedabad-382345.
Mo. : 7817888191-9228852900



سنڌي ڀاشا جي وڪاس لاءِ ساهتيہ اڪادمين جو هٿ

- سريش چئنلال آهوجا (احمدآباد)

ڪنهن بہ ڪاريہ کي اڳتي وڌائڻ لاءِ سڀ کان اول دلچسپيءَ جي ضرورت هوندي آهي ۽ اُن ڪاريہ کي هلائڻ لاءِ سموهہ جو ڪُپ هوندو آهي ۽ اُهو سموهہ ٺيندو آهي ماڻهن جو. جيڪو سموهہ يا سنگهٽن ماڻهو هلائيندا آهن اُنهن کي اِدارا يا سَنستائون چئبو آهي.

سنستائون مڪاني سطح تي، راجيہ سطح تي ۽ راشٽريہ توڙي انترراشٽريہ سطح جون هونديون آهن ڪي سنستائون يا اِدارا سرڪاري سطح جا تہ ڪي وري غير سرڪاري هوندا آهن. اِهي سنستائون مختلف کيترن ۾ ڪاريہ ڪنديون آهن.

ڪجهہ سنستائون مڪمل طرح سرڪاري خرچ تي هلنديون آهن تہ ڪي سنستائون سرڪاري سطح تي هوندي بہ خودمختيار نموني ڪاريہ ڪري سگهنديون آهن يعني اُنهن جي ڪاريہ تي سرڪاري دخل نہ هوندو آهي.

ڀارت ۾ سنڌين کي الڳ پنهنجو راجيہ ڪونہ آهي پر سنڌي ڀاشا ڀارت جي ائين شيڊيول ۾ آهي جنهن کي ٻين ڀاشائن جيان سنڌي ڀاشا کي بہ جوڳو مان - سنمان ملي رهيو آهي.

ورهاڱي ڪانپوءِ هندستان جي ڪنڊ-ڪڙڇ ۾ اسان سنڌين جي ٻکڙجي وڃڻ سان اسان جي ڀاشا، سنسڪرتي، ڪلا، تعليم تي ڏاڍو وڏو نفي اثر پيو. ورهاڱي کان پوءِ اول اول اسان لاءِ اجهي، اَنّ ۽ لٽي جو سوال هو، جيڪو پوري ٽيڙ کان پوءِ اسان نہ رڳو پُرشارٿي بڻياسين پر اڄ اسين سنڌي پرمارٿي آهيون، انيڪ ڪاريہ ڪيون ٿا جنهن جا ثبوت آهن ڀارت جي مختلف ايراضين ۾ اسان جا تعليمي، ڪلا، سماجڪ کيتر، پنگتي توڙي شيوا ڪاريہ جا اِدارا زندهہ مثال آهن. ڌرمشالائون، اِسڪول، ڪاليج، مندر مڙهيون، سنڌو ڀون ۽ ٻيا شيوا جا مرڪز نہ رڳو سنڌين پر ٻين غيرسنڌين جي بہ ڪم ۾ اچن ٿا.

خانگي سنستائن سان گڏ ڀارت ديش ۾ جتي سنڌي وڏي تعداد ۾ رهن ٿا اُتي سنڌي ٻولي، ساهتيہ، ڪلا جي وڪاس لاءِ سنڌي اڪادميون ٺهيل آهن اِهي راجيہ آهن گجرات، راجستان، مڌيہ پرديش، اُتر پرديش، مهاراشٽر، دهلي، ڇتيسگڙهہ ۽ پڻ مرڪزي سرڪار جي زيرسايہ مرڪزي ساهتيہ اڪادمي هلندي آهي جنهن ۾ پڻ سنڌي ڪنوينر سان گڏوگڏ ميمبرن جي هڪ ٽيم آهي جيڪا راشٽريہ سطح تي ڪاريہ ڪري ٿي.

اڄ جڏهن اسين سنڌي سُکيا، ساوا، ستابا مالي طرح هريا-ڀريا آهيون اهڙي وقت ۾ سنڌي ڳالهائڻ، لکڻ-پڙهڻ کان ڪوهہ پري ڀڄي رهيا آهيون. اهڙي وقت ۾ اهي ساهتيہ اڪادميون ۽ اِدارا سرڪاري سطح تي چاهي خودمختيار نموني سرڪاري مدد سان هلن ٿا تن سنڌي ڀاشا کي سچ پچ آڪسيجن ڏنو آهي. انهن اڪادمين جي سهايتا سان نوان-نوان سنڌي ٻار سنڌي ڀاشا سکڻ ۾ دلچسپي وٺن ٿا. نوان ليکڪ، ڪلاڪار ۽ شاعر ميدان مارين ٿا، جيڪي

نديون ڪهاڻيون

- ريني ميرراجا "ڪمار" (دهلي)

انمول شڪتي

ڳالهه اُتر پرديش جي آهي تمام پُراڻي. ڀڳت ڪبير داس جي
اني جي. هڪ ڳوٺ هو اُتي پاڻيءَ جي تمام گهڻي تڪليف هئي،
هه هڪ به نه. تلاءُ به نه، ندي پڻ نه...

ماڻهن کي تمام پريان کان پاڻي آڻڻو پوندو هو. آخر هڪ سياڻي
ڻهوءَ چيو ته هلو ته اَسان ڪبير سان گڏجون ۽ هن کان پُڇون ته
ڻيءَ جي تنگي دور ڪرڻ لاءِ ڇا ڪجي؟ ويا ڪبير وٽ سڀ گڏجي. ڳ
ه ٻولهه ڪئي. ڳالهه ڪندي ماڻهن جي اکين ۾ آنسون اچي ويا.
بير کي ديا آئي چيائين هلو مان توهان جي ڳوٺ ٿو هلان. وچڻ سان
بر پيئي ته اُتي جوان، ٻُڍا، ننڍڙا ٻار، عورتون سڀ ڊور دور کان پاڻي
ين ٿا. حالت ڏسي ڪبير ڳوٺ ۾ چئني طرف گهمڻ لڳو. ڳوٺ جي
هاڙ تي هڪ هنڌ پهنا ۽ چيو ته هتي کوٽيو، هتان توهان کي پاڻي
ندو، خوب پاڻي ملندو، مٺو پاڻي ملندو. ماڻهن کي ٿيو ته اَهڙي
ڪل جاءِ تان پاڻي ملندو، مٺو پاڻي ملندو. سڀ پڇ اَهڙو سوال ٿيو؟
شڪل ۾ ماڻهو مري ڇا نه ڪري سو کوٽائي شروع ڪيائون. سڄو ڳوٺ
حنت ۾ مشغول ٿي ويو. زور-شور سان کوٽائي چالو ٿي. هِڪُ فوٽ، ٻه
ٽ کوٽائي ڪندا وڃن پر پاڻيءَ جو هڪ ڦڙو به نظر نه اَچي. وري
بير وٽ ويا. هن چين ته ڀروسو رکو. ضرور پاڻي ملندو. وري کوٽائي
يڪ شروع ڪئي. هڪ ٻه ڏينهن کوٽائي هلي ۽ چمتڪار ٿيو. سڀ پڇ
ڻيءَ جو ڦوهارو زمين مان اُٿيو. ماڻهن ته راضي ٿيا. پوءِ ته کوهه تيار
و. اَصل ڳالهه ته اِها ته اِسان اِنسانن جي آتم شڪتيءَ جو پڻ ڪجهه
ين آهي. اِن جي اَسان کي خبر نه ٿي پوي. پر اَندر ۾ ضرور هوندي
ي. ڪوئي راهه ڏيکاري ته اِها اَنمول شڪتي ضرور اِن ڦوهاري وانگر
هر آڻي ٿي سگهجي. وشواس، شرڌا، محنت ۽ ٻُڌيءَ سان.

ڀڳوان کي چنتا

هڪ هو ڀڳوان جو ڀڳت. روز صبح جو مندر ۾ وڃڻ جو هن جو نيم هو.
وان جو ڀرپور درشن ڪري، ڀڳوان سان روبرو ٿئي. مورتيءَ سان
ام گهڻيون ڳالهيون ڪري. مورتي ڪو به جواب نه ڏئي ته به هن
ي من ۾ ڪوئي ڦيرو نه، ڪو به تفاوت نه. جيئن اَسان گهر جي ڪنهن
رگ سان سُٺي نموني سُک چاهي دُک جون ڳالهيون ڪيون تيئن هوُ
ندو رهي. رام ڪرشن پرمهنس جيئن ڪندو هو تيئن هي ڀڳت به
لهيون ڪري ڀڳوان سان. سالن جا سال اِئين هلندو رهيو. گڏوگڏ
تي واڙيءَ جو ڪم، سنسار جا وهنوار پڻ پورا نباهيندو رهيو.
آهستي-آهستي هن جي سرير جي سگهه گهٽجندي ٿي وئي. اکين
ي روشني به جهڪي ٿيڻ لڳي هُيس. گهمڻ ڦرڻ ۾ به تڪليف ٿي
حسوس ڪئي. پر مندر ۾ وڃڻ جو سندس نيم پڪو رهيو اُن ۾ ڪا به
ڦيربدل نه ٿي. ٿوري وقت کان پوءِ اکين بلڪل نابري واري تنهن
هوندي به مندر جو نيم ته نيم هو. ماڻهن چوڻ شروع ڪيو ته دادا هاڻي
ته مندر وڃڻ بند ڪيو. جيڪي ڳالهيون توهان ڀڳوان سان مندر ۾
ڪيو ٿا سي ڳالهيون توهان گهر ۾ ئي هن سان ڪيو ۽ خاص اِهو ته جي
ڪو ٿا ٻو اَچي وڃيوَ ته اَجايو تڪليف ۾ پوندا ۽ توهان ڀڳوان کي ڏسي
به ته نٿو سگهو.

ڀڳت وراڻيو، اِن ۾ ڇا ٿيو، مان ڀڳوان کي نٿو ڏسي سگهان ته ڪا به
پرواهه ڪونهي پر ڀڳوان ته مونکي ڏسي ٿو نه؛ اِينرو ئي ڪافي آهي.
مان نه ويندس مندر ۾ ته ڀڳوان کي چنتا ٿيندي ۽ مان اِن طرح ڀڳوان
کي اَصل حيران ٿو ڪرڻ چاهيان.

چيتنا جي ترقيءَ ۾ رُڪاوٽ

هڪ آشرم هو. وڏي گروءَ جو آشرم. هرروز ستسنگ ۾ گهڻائي ماڻهو
اَچن. ڀڄن-ڪيرتن ٿئي. اَصل موَج لڳي پيئي هجي. پوءِ ڌيان ٿئي،
ميڊيٽيشن. اُتي هڪ ٻلي اُن وقت اَچي حاضر ٿئي ۽ ماڻهن کي ڪنهن
نه ڪنهن نموني حيران-پريشان ڪري. ڪنهن جي ڪَڇ ۾ وهي ته
ڪنهن جي ڪُلهي تي ٽپو ڏئي. ڪنهن کي وري رهنڊون پائي ۽ وري
ڪنهن کي چڪ پڻ پائي. ٻيلي ٻلي تي ڪين مصيبت. آشرم جي ٻلي
هئي تنهن ڪري هن کي مارڻ به مُناسب نه. گروءَ چيو ته اِن کي
ستسنگ وقت ٻڌي رکو ۽ ٻليءَ کي ستسنگ شروع ٿيڻ کان اڳ ٻڌي رکڻ
شروع ڪيو ويو هڪ ٿنڀي سان. ستسنگ پورو ٿئي پوءِ ٻلي آزاد. گهڻي
وقت تائين اِئين هلندو رهيو. جڏهن گروءَ چولو ڇڏيو اُن کان پوءِ به اِها
ريت قائم و دائم رهي. روز ٻلي ٻڌجي ۽ آزاد به ٿئي. آخرڪار ٻلي به
مري وئي. هاڻي ڇا ڪجي؟ شش پڻ بدلجي ويا. نوان شش رهيا وڏا به
گذاري ويا پر جيڪو نيم ٻليءَ کي ٻڌڻ جو هو سو جيئن جو تيئن ئي
رهيو. جنهن ٻليءَ کي ٻڌڻ شروع ڪيائون سا ته ويچاري هئي به شانت
ڪنهن کي به حيران ڪونه ڪندي هئي.

پر نيم معنيٰ نيم. اِئين ئي اِن آشرم ۾ هرروز ستسنگ کان اڳ
ٻليءَ کي ٻڌڻ ۽ پوءِ آزاد ڪرڻ جي ريت اُها پراڻي قائم رهي. اصل
ڳالهه ته ٻليءَ کي ٻڌي وهارڻ جي ڳالهه گروءَ ڇو ڪئي هئي؟ ڪارڻ
ڪهڙو هو سو ته سڀئي وساري ويٺا. ڳالهه کي ڳنڍ ٻڌي جڙ ٿا وڃان ٻليءَ
کي ٻڌي رکڻ جو ڪم ڪندا رهيا. اِها ڳالهه سمجهڻ جهڙي آهي ته
ڪنهن به ڪرم ڪانڊ جي ڳالهه کي بنا ڄاڻڻ جي ڇُنبڙي پوڻ اِهو هڪ
ٻنڌن ٿي ٿو پوي ۽ اَسان جي ترقيءَ ۾ خاص ڪري چيتنا جي سُجاڳيءَ
۾ رُڪاوٽ جو ڪم ٿو ڪري.

Rinee Mirraja 'Kumar'
Unit Incharge ESD Sindhi, Room No. 509, NBH All India Radio, Sansad Marg, New Delhi-110001.

آهي. مگر بيڪارڻ ڪٽي اُن وقت تائين ترسندي اڌ پروگرام مان ٻاهر نڪري هلي ويئي. جڏهن مائي آئي تہ هن کي ڳولهيائون مگر نظر نہ آئي تہ ٻين جي سامهون پنهنجي عزت بچائڻ لاءِ کين ٻيا پئسا ڀري ڏيڻا پيا.

چوندا آهن مِٺي بہ مات مُٺي بہ مات ڪري پئسا تہ ڏنا پر من ۾ چوڻ لڳا تہ پڙهيل لکيل ٽيچر بہ سماج شيوڪا جو نالو ڪري ڪيچڙ وارا ڪم ڪن تہ باقي سماج جو ڪهڙو پلو ڪنديون.

هنن کي پوءِ خبر پيئي تہ هيءَ بنا پڇئي ڪٽان بہ پئسا ڪٽي ويندي هئي يعني چوري ڪندي هئي. هنن اُن سماج شيوا جو نالو رکيو چور بيڪارڻ سماج شيوڪا.

ڀهراڻي ۾ اني جي جوت ڇو؟

جهوليلال، اُڏيرولعل اسان مِنشن کي سيکارڻ لاءِ اني جو بدن، اني جي جوت ۽ اکو يعني چانور ۽ ڪنڊ ندي ۾ وجهڻ جي ريت سيکاري آهي. ان جي ڪا معنيٰ آهي ڪا اُن ۾ سکيا آهي.

اُها سکيا آهي پراُپڪار جي سکيا جنهن تي اسان جو ڪڏهن بہ ڌيان نہ ويند آهي.

پاڻيءَ ۾ اکو يعني چانور ۽ ڪنڊ وجهون ٿا ان جي لاءِ تہ پاڻي گندو ٿي وندو آهي ڪنڊ اُن ۾ ڳڙي ان جو ذائقو بدلائيندو آهي جنهن ڪري نديءَ ۾ رهندڙ جيوَ جنتوُ آرام سان کائي سگهن ٿا ۽ چانورن کي پنهنجو آهار سمجهي کائن ٿا.

جوت ۽ بدن اني جو ٺهيل آهي ڇاڪاڻ تہ ڳوهيل اٽو جلد پاڻيءَ ۾ ڳڙي نہ ويندو پر آهستي آهستي نرم ٿيندو آهي جنهن ڪري ننڍا جيوَ بہ اُن کي کائي سگهندا آهن ان نموني لعل سائين اسان جي هٿان اُنهن جيون جو ڪاڏو اَن جل ۾ وجهون ٿا اُهو هڪ طريقو آهي ٻين جي مدد ڪرڻ گهرجي پر اُپڪار ڪرڻ جهڙو نيڪ ڪم ٻيو ڪو بہ ناهي.

مونکي اِن ڪري هر چنڊ تي ڀهراڻي جي روپ ۾ سمنڊ ندين ۾ رهندڙ جيون کي ڪاڏو ڪارايو تہ مان توهان تي مهر جو مينهن وسائيندو رهندس.

جوتين وارا تنهنجي جوت جڳي سدائين،
مهر جو مينهن وسائين سدائي،
تنهنجي در تي ڇيڄ، جهمريون پايون سدائي،
”ديال“ پراُپڪار جا ڪم ڪريون سدائين.

Asha Jagisha 'Dayal'
Kubernagar, Ahmedabad-382340.
Mo. : 9687532415

ڄـئہ جهوليلال

- ٺاڪرداس هيرانند لوهاڻا ’لهري‘
(رٽايرڊ پرنسيپال، ممبئي)

۱. چيٽي چنڊ جي جوت نرالي،
ڇيڄ ۽ جهمر لڳي متوالي،
رکو جهولڻ تي اَعتبار،
جهولي لعل، جڳہ جا ٻيڙا پار.

۲. مڇلي - روپ ۾ جهولڻ سائين،
سِڪني تي ٿو مهر وسائين،
شرڌا سان ڪيو جهولڻ کي نمسڪار،
جهولي لعل، جڳہ جا ٻيڙا پار.

۳. پريمين جي من کي پرچائي،
زندهہ-پير سدا سڏائي،
وڃون اُن تان اَڄ ٻلهار،
جهولي لعل، جڳہ جا ٻيڙا پار.

۴. مهر نظر جي سڀ تي ڪرين ٿو،
غم سِڪني جا دُور ڪرين ٿو،
ڪيو ياد جهولڻ کي بار-بار،
جهولي لعل، جڳہ جا ٻيڙا پار.

۵. سوالي تو در جيڪي آيا،
اُنهن جا تو عرض اَگهايا،
غريبن کي نہ وسار،
جهولي لعل، جڳہ جا ٻيڙا پار.

۶. ڪنوارن کي ٿو تون پرڻائين،
پرڻيلن کي ڏيئر يا پُٽڙا ڏيارين،
آهين سِڪني جو آڌار،
جهولي لعل، جڳہ جا ٻيڙا پار.

۷. سنڌين کي سنڌ موٽي ملندي،
سنڌي ٻولي قائم دائم رهندي،
”لهري“ رکُہ جهولڻ تي اَعتبار،
جهولي لعل، جڳہ جا ٻيڙا پار.

Thakurdas Hiranand Laohana 'Lahiri'
Ex. Principal : M.A., M.Ed., LL.B.
136/226 B Jai Bhavani Marg, Mulund Colony,
Mulund (W), **Mumbai-400062.**
Mobile : 09167458125, Ph. : 25655271



چور بيڪارڻ سماج شيوڪا

- آشا جڳيشا 'ديال' (احمدآباد)

هڪ شهر ۾ هڪ وچولو ڪٽنب رهندو هو. اُن ماڻهوءَ کي
ڏيئر هڪ پُٽ هو. ڀائيءَ پُٽ جي شادي ڪرائي پاسي ۾
ءِ وٺي الڳ ڪيو. ٻن ڏيئرن جي بہ شادي ڪرائي پاڻ آجو
و باقي ڪيس هڪ شادي ڪرائڻي هئي. ڪوبہ هن ننڍي
يءَ سان مائٽي ڳنڍڻ لاءِ تيار نہ هو.

ننڍي ڌيءَ کي چوريءَ جي عادت پيل هئي. پهرين گهر
ن ڪندي هئي ۽ هاڻي پاڙي ۾ چوريون ڪرڻ لڳي هئي.
ڪ دفعي -------- هڪ دڪان مان تہ ڪڏهن ڪن
ي گهر يا دڪان مان بنا پڇي پئسا کڻي ويندي هئي. جنهن
ڪري ماڻهو هن کي چور سمجهڻ لڳا ڪيس ڪوبہ ٻيهڻ نہ
يندو هو.

پڙهي لکي ڪنهن وڏي نوڪريءَ تي لڳي پر چوندا آهن
ہ هيڙ ڇني پير سو هن جي عادت ڪيڏانهن وڃي. هاڻي
وءَ ڪٿان بہ پئسا نہ کڻڻ لڳي مگر پئسا گهرندي هئي يا
ڪٿي چانهہ پارٽي هوندي هئي تہ اُتي اول پهچي ويندي
ٽي جيئن پهرين مونکي ملي متان ختم نہ ٿي وڃي، ڪٿي
ہ ٻہ دفعا بہ وٺي کائيندي هئي.

هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي تہ ڪٿي پارٽي جو پروگرام هو
ر جنهن رکيو هو اُهي پريان رهندا هئا تہ هڪ چٽي هن کي
يو تہ هنن کي ڪٿان مانيءَ جو بندوبست ڪري ڏي تہ هن
هن ماڻهن کي چيو هلو تہ مان توهان کي سامهون ڳالهائي
يان. هوُ هن سان ويا. آنو مان لهي اڳيان هلي ويئي. اُنهن
ڻهن آنو واري کي پئسا ڏنا ۽ هن جي پٺيان اُن مانيءَ جي
ر ويا. اُن مائيءَ کي آرڊر ڏنائون. مائيءَ چين تہ مان ڏيڻ
ايندس، توهان اچي کڻي وڃجو. اُنهن ماڻهن اُن کي ها
ٽي. واپس اچڻ مهل هنن کي ٻئي پاسي وڃڻو هو تنهن
ري هن کي چيائون اسان هتان وڃون ٿا تہ، بيڪارڻ کي
سا ڪپندا هئا اِن ڪري اُنهن جي پٺيان وڃڻ لڳي. هڪ
ٽي هنڪي ڏنو ٻيهي چيائينس تہ توکي هن پاسي وڃڻو هو
ءِ هتان اسان جي پٺيان ڇو پيئي اچين تہ بنا شرم جي اُن
ي نهہ پهہ جواب ڏنائين مان گهر ڪيئن وڃان مون وٽ

پئسا ڪانهن توهان ١٠ رپيا ڏيو تہ هتان ٽي آٽو ۾ وڃان. اُن
ماڻهوءَ کيس ١٠ رپيا ڏنا ۽ هوءَ هلي ويئي. پوءِ پاڻ ۾ چوڻ
لڳا تہ هيءَ سماج شيوڪا آهي يا هڪ بيڪارڻ آهي جيڪا بنا
پئسن جي ڪم نٿي ڪري پر پوءِ هوُ هليا ويا.

ٻئي ڏينهن جڏهن هوُ روٽي کڻڻ ويا تہ مائي گهر ۾ ڪانہ
هئي اُن جي ڌيءَ ويٺي هئي. ان چين اندر اچو تہ مان توهان
کي ڏيان جيئن اندر ويا تہ هنن بي شرمي واريءَ ڳالهہ ڏٺي
تہ هوءَ سماج شيوڪا جنهن کي هنن بيڪارڻ چيو هو اُها اندر
ٿهيل مال مان کڻي کائي رهي هئي. هنن جي پڇڻ تي چيائين
تہ مان سواد چکي پيئي ڏسان تہ برابر سٺو کاڌو ٺاهيو اٿس يا
نہ. ماڻهو ويچارا چپ رهيا. ماني ٿهيل کڻي ڇوڪريءَ کي
چيائون تہ باسڻ ۽ پئسا اسين ڏيئي ويندا سين. هيءَ سماج
سيوڪا بيڪارڻ بہ هنن جي پٺيان آئي ۽ ڪار ڏسي چيائين
مونکي بہ وٺي هلو. ويچارا ڪيس وٺي آيا. پروگرام ٿيو کاڌو
سيني کاڌو. پڇاڙيءَ جو ٻہ-ٽي چٽا اڃا رهيل هئا. هن چا
ڪيو جو پنين ۾ کاڌو وجهي رکيو هڪ چٽي چيس تہ هيءَ ڇا
ٿي ڪرين تہ جواب ڏنائين، جيڪو بچيو آهي تہ مان پاسي
واري کي ۽ ڪم واري مائيءَ لاءِ کڻي ٿي وڃان. ان ماڻهوءَ
چيس تہ توکي ڪنهن چيو تہ کاڌو بچيو آهي اڃا اسان کائڻ
وارا آهيون تہ جواب ڏنائين تہ توهان هاڻي کاڌو ايڏو کائيندا
ڇا ۽ جلد ڪريو تہ مان باسڻ ڏيئي پوءِ گهر ويندس. جڏهن
هنن ٿورو-ٿورو کاڌو جو هنن پنين وارو کاڌو کائڻ نٿي چاهيو.
ان ڪري سڀ چپ رهيا. بيڪارڻ سماج شيوڪا سڏائڻ واري
چين تہ پئسا بہ ڏيو تہ مان وڃان. ويچارن پئسا بہ ڏنا، پروگ
رام پورو ٿيو سڀ گهر هليا ويا.

ٻن ڏينهن ڪان پوءِ مائيءَ جو فون آين تہ ڀائو باسڻ تہ
موڪليا اٿو پر پئسا تہ ڏيو ڪين اُهي نہ ڏيڻا اٿوَ. ڀائيءَ چيو
اَمان پئسا تہ اسان باسڻن سان گڏ هن مائيءَ هٿان موڪليا
آهن. چيائين، مونکي خبر ناهي. مونکي نہ مليا آهن. شام جو
ٻيو پروگرام هو اُتي اُن کان پڇيائون تہ چيائين مان اُن جي
ڌيءَ کي ڏيئي آئي آهيان. چيائونس تہ نيڪ آهي هتي
هاڻي مائي پاڻ اچڻي آهي سامهون ڪهڇ. چيائين ها نيڪ

آهي. اِها بنگلاديش جي راشٽريہ لپي پڻ آهي.

اِن جي اُبتڙ سنڌي سماج پنهنجي بُنيادي، سياويڪ ديوناگري لپيءَ کي پنهنجي لپي، سنڌيءَ جي لپي نہ سمجهي ڪري هڪڙاري لپيءَ کي پنهنجي لپي چئي ڪري فخر سان واپرائي رهيو آهي ۽ اِن ڳالهہ کي سنڌي نيتا، تعليمدان تتا ساهتڪار بہ ترجيح ڏيئي ڀاشائي ماحول بگاڙي رهيا آهن. سنڌي ڀاشا جي مول ۽ سياويڪ لپي ديوناگري هئڻ ڪري ئي مهان ودوان سرڳواسي ڀيرومل مهرچند آڏواڻي صاحب 1934 ۾ 'سنڌوُ مئگزن' ۾ پنهنجي 'عربي لپيءَ مان نقصان' نالي هڪ ليک ۾ لکيو هو:

''هاڻوڪي عربي سنڌي آئيوٽا کي عربي سمنڊ ۾ ٻوڙي وَڏيءَ دل سان ديوناگري اکر واپرائڻ گهرجن.''

آڏواڻي صاحب جي چيل اِن ڳالهہ تي عمل ڪيو وڃي ها تہ اڄ سنڌي ڀاشا جي ههڙي مرڻينگہ حالت نہ ٿئي! پر هندوُ سنڌي سماج جي نصيب ۾ گندي راڄنيتي لکيل هئي، جنهن سنڌي ڀاشا سان ڪُنياءُ ڪري سنڌي ڀاشائي سماج کي ٻن حصن ۾ روهائي ڇڏيو. اِن ورهاڱي جي شروعات ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي برٽش سرڪار جي ڪوٽ نيتيءَ ئي 1853 ۾ هڪڙاري لپي عربي اَپنائڻ لازمي ٺهرايو، جنهن ۾ ديوناگريءَ جي ڪابہ حصيداري ڪانہ هئي. اِن جو نتيجو اَڄ بہ ڀوڳي رهيا آهن. ويچو ڀئڄي ويو آهي سماج ۾! ڀڳل ڀاشا کي ٺاهي ايڪتا نرماڻ ڪرڻ وارو ڪوئي ڪونهي. مون 'فيس بوڪ' تي لکيو هو:

''اَهڙو ڪو آهي سنڌي جڳ سنسار ۾،
جيڪو ڀڳل ڀاشا کي سِڌيءَ ريت ٺاهي،
پنهنجي سياويڪ روپ ۾ سنڌيءَ کي چاهي،
ڀيد پردو لاهي، شڪي ڪري سنڌي کي!''

صدين کان سنڌي ڀاشا سان اَنياءُ ۽ اَتياچار ٿيندو آيو آهي. هن نئين صديءَ ۾ پڻ شخصي سوارٿن ۽ ڀيدڀاوَ جي نيتيءَ ڪري سِياري جي سَوڙ هرڪو پاڻ ڏانهن سوري رهيو آهي. بيمار سنڌي ڀاشا جي مرض/بيماري/روڳ کي سمجهڻ بنا، غلط دوائن جو اِستعمال ڪيو پيو وڃي. ڀاشائي ڪيتر ۾ هڪ قسم جي اَراجڪتا، اَنڌُ ڌُند ڦهليل آهي. ڀيدڀاو، مَتڀيد، دويش/حسد، مفت جي واهہ-واهہ حاصل ڪرڻ جي بازار گرم آهي. رَمُ جلي رهيو هو ۽ نيرو فِڊل وڄائي رهيو هو! سنڌي ڀاشا هٿن مان وڃي رهي آهي ۽ ٻُڌيجيوي سونهري سيمينارن ۽ سيائن ۾ چارڻ ڀٽن جي چَنگُ وڄائڻ ۾ مگن آهن.

اهڙيءَ عجيب ۽ ڀيانڪ حالت ۾ عربي سنڌي ۽ ديوناگري سنڌيءَ کي اَلڳ-اَلڳ ڀاشائون ليکيندي ٻنهي کي پنهنجي پنهنجي مارگہ تي وڃڻ جي آزادي ڏيڻ گهرجي، جيئن هوُ پنهنجو پنهنجو پوُرن وڪاس پنهنجن پيرن تي بيهي ڪري سگهن.

Prof. Laxman Hardwani
Pune.
Mo. : 09890693931



غزل

- نانڪ آهوجا
'نماڻو' اِندور

١. ڪجهہ معاف يارو مان لاچار آهيان،
چوان سچ تڏهن تہ تيو گنهگار آهيان.

٢. گهٽائي ڪيا قرب هرڪنهن سان آهن،
تڏهن ڀي چون مان ذميوار آهيان.

٣. چون ٿا تہ سچ جو سهارو سٺو آ،
سٺين وات وٺندي چو بيزار آهيان.

٤. وڃان وات ڪهڙي ڪيان ڳالهہ ڪنهن سان،
مان پنهنجي ئي ڀاڇي کان بيزار آهيان.

٥. سليان راز ڪنهن کي مان پنهنجي اندر جو،
تيو عشق ۾ مان خطاوار آهيان.

٦. سٺا تہ درد جا مون ڏُکڙا گهٽائي،
ڏٺا جن مان تن سان وفادار آهيان.

٧. نوان دوست دل سان نيندون ڏين ٿا،
'نماڻو' چوي تو مان ناچاڪ آهيان.

Nanikram Ahuja 'Nimano'
340-ED, Scheme No. 74,
Indore-452010.
Mo. : 07828857433

وري ٿئي ٿي. ٻنهي لپين جي اکرن جي سلسلي ۾ وڏو فرق
هي، جنهن جي ڪري سنڌي ڀاشا جي اَڀياس ۾ رُڪاوٽ پئدا
ئي ٿي. عربي لپيءَ ۾ آيل ڪن اکرن جا اُچار مخصوص عربي-
دو-فارسيءَ وارا ٿي ڪري سگهندا. ديوناگريءَ جا ڪي اکر
ربي سنڌيءَ ۾ ڪونہ ٿا لکيا وڃ. جيئن 'ष'، 'क्ष'. ٿوري ۾
ئي سگهجي ٿو تہ ٻنهي لپين جي اکرن جي سلسلي ۽ ڪن
کرن جي اُچارن ۾ سمانتا ڪانہ ٿي ملي. ان حالت ۾ لِپينتر
لिप्यंतर) يا دوها وغيره چند لکڻ ۾ اَڙچڻ پئدا ٿي وڃي ٿي.
ڪنهن هڪ ڀاشا لاءِ اگر ٻہ يا وڌيڪ لپيون واپرايون وڃن ٿيون
ہ انهن لِپين جي اکر مالا ۽ اکرن جي سلسلي ۾ سَمانتا هئڻ
ضروري آهي.

4. ديوناگري سنڌي ۽ عربي سنڌيءَ جو اَلڳپڻو صرف
سنسڪرت يا عربي فارسي شبدن جي اِستعمال تائين محدود
آهي، بلڪ ٻنهي جي وياڪرڻ/ گرامر، ڇند شاستر، واڪيہ
غيره ۾ پڻ بُنيادِي فرق اچي ويو آهي. ديوناگري سنڌي
وياڪرڻ تي سنسڪرت جو پرڀاءُ صاف آهي ۽ عربي سنڌيءَ
تي فارسِي-اُردوُ-عربي وياڪرڻ جو گهرو اثر ٿيل آهي.
ديوناگري سنڌيءَ ۾ جي ڪي تَتسم ۽ تَدڀَوَ شبد آيل آهن، اُنهن
جو پريوگ گهٽي ڀاڱي سنسڪرت-وياڪرڻ اَنوسار ٿي ڪيو
ويندو آهي. جيئن व्याकरण ، विशेषण ، नाम ، संज्ञा ، क्रिया ،
क्रिया-विशेषण ، समास ، धातू ، वाक्य ، शब्द ، वर्ण ،
अक्ष/अखर ، व्युत्पत्ती اِهي شبد سنڌيءَ جا پنهنجا آهن. پر
انهن شبدن جي انواد ذريعي عربي فارسيءَ مان ڪنيل شبد پڻ
عربي سنڌيءَ کي ديوناگريءَ کان الڳ ٿا ڪن جيئن:

صَرف وَنَحوَ (व्याकरण)، صِفت (विशेषणु)، اِسم
(संज्ञा/नामु)، فعل (क्रिया)، ضَمير (क्रिया-विशेषणु)، جُملو
(वाक्यु)، لفظ (शब्दु)، حرف (अखरु)، اِشتقاق (धातू, व्युत्पत्ती).

هزارين شبد اهڙا آهن، جن لاءِ عربي سنڌيءَ ۾ ڪي جوڳا
شبد ٺاهيا ئي ڪونہ ويا آهن. ڪي شبد عربي-فارسِي-اُردوءَ
جي طرز تي ٺاهيا ويا آهن يا جيئن جو تيئن سنڌِيءَ ۾ کنيا
ويا آهن، جي هِندوُ سنڌِي سماج جي سمجهي سگهڻ کان پري
آهن ۽ نہ ئي هتان جي، ڀارت جي ماحول ۾ وهنوار ۾ هلي
سگهڻ جهڙا آهن. ڪي مثال ڏسو:

ثَقافت (संस्कृति)، لُغت (शब्दकोशु)، سيغو
(विभक्ती, पुरुषु)، شَعبو (अनेक)، تَقابلِي (؟)، مُتعدِد (؟)،
صراط (मार्गु, राह)، تحقِيق (खोजना)، صرف-او-نَحوَ
(व्याकरणु)، صَلاحِيت (भलाई)، صَلوات (प्रार्थना)، عَبث
(व्यर्थ, अजायो)، عِرفان (समुझ, परूड़)، عُلوُفو (पेन्शन)، عِلم
اِلاهِي (ब्रह्मज्ञानु)، عِلم مَنتق (तर्कशास्त्रु)، عُفوُنت
(धप, बास)، فَرتوُت (पोढ़ो, झूरु)، فرهنگ
(शब्दकोशु, शब्द-भंडारु)، فِسوُنُ (मंसरु)، قوسُ
(धनुषु, कमान)، عِلم عُروض (छंद शास्त्रु)، عِلم دستوُر
اَلمڪاش (अर्थ शास्त्रु, संपत्तीशास्त्रु)، سَفيرُ (नंढो) وغيره......

اهڙا هزارين عربي-فارسي-اُردو شبد عربي سنڌيءَ کي
ديوناگري سنڌي ڀاشا کان اَلڳ ٿا ڪن. ٻيءَ سنسڪرتيءَ جي
اَهڙن شبدن جي سَنکيا عربي سنڌيءَ ۾ وڌِي رهي آهي ۽
پنهنجو اَلڳپڻو سِڌ ڪري رهي آهي. سِنڌ-هِند جي سنڌي شبد
ڪوشن ۾ ۽ اِنٽرنيٽ تي آيل ڪوشن ۾ اَهڙا ئي شبد ملنٿا، جن
مان موُل سنڌي ڀاشا جي صورت ۽ سيرت بدلجي ويئي آهي.


5. ڳالهائڻ-ٻولهائڻ وقت عربي سنڌي ۽ ديوناگري سنڌيءَ
۾ ڪو خاص فرق محسوس نہ ٿو ٿيندو هجي پر ڀاشا وِگيان ۽
ساهتيہ جي سطح تي اهي ٻہ اَلڳ ڀاشائون آهن- هندي ۽
اُردوءَ وانگر. پاڪستان جي ڪنهن ليڊر جو اُردوءَ ۾ ڀاشڻ ٻڌندا
تہ هنديءَ جهڙو لڳندو. پر ڪي شبد تُز عربي-فارسيءَ جا هئڻ
ڪري سمجهہ ۾ ڪونہ ايندا. اِتي فرق پڻ شبداولي، محاورا،
پهاڪا ۽ سنسڪرتِي تٿا پرمپرا جو نظر ايندو.

ساڳي ڳالهہ سنڌي ڀاشا لاءِ پڻ چئي سگهجي ٿي. سنڌ ۽ هِندُ
جو ڪو سنڌي وهنواري جڳت ۾ سنڌي ڳالهائي ٿو تہ اِها هڪ
جهڙي ڀاشا لڳي ٿي. پر ساهتيہ، تعليم ۽ گيان حاصل ڪرڻ لاءِ
آڌياتم -وديا جي سطح تي اهي ڀاشائون جدا جدا ٿي وڃن
ٿيون. ڪنهن سنڌي سيمينار ۾ يا ڪنهن عربي حمايتي ودوان
جا عالماڻا ڀاشڻ ٻاشڻ ٻڌندا تہ عام ماڻهن کي سمجهہ ۾ ئي
ڪونہ ايندا! اهو ٻہ محسوس ڪندا تہ هيءُ ودوان اُردو-فارسي
ڳالهائي رهيو آهي!

هِتي مون ڪن خاص مُدن جو ذڪر ڪيو آهي. اُن کان سواءِ
ٻين ڳالهين تي پڻ ويچار ڪري سگهجي ٿو، جي عربي سنڌي
۽ ديوناگري سنڌيءَ کي ٻہ الڳ الڳ ڀاشائون ليکي سگهڻ ۾
ڪارائتيون سِڌ ٿي سگهن ٿيون.

ڪا ٻہ ڀاشا پنهنجي بُنيادي لپيءَ جو آڌار وٺي اڳتي وڌندي
آهي ۽ وڪاس ڪندي رهندي آهي. اوسي پاسي جا يا ڪي
ضروري ٻَر ڀاشائي شبد پڻ گرهڻ ڪندي ويندي آهي ليڪن
ٻين ڌارين ڀاشائن جا شبد ۽ محاورا وغيره حد کان وڌيڪ گرهڻ
ڪبا، سويڪار ڪري واپرايا ويندا تہ اُن ڀاشا جي صورت ۽
سيرت ئي بدلجي ويندي. ڀاشا لاءِ پنهنجي موُل، پراچين ۽
سياويڪ لپي واپرائڻ ضروري هوندو آهي. پنجابي سماج ڪن
ڏينهن ۾ اُردو لپي ٻہ واپرائيندو هو، پر اڄ اُهو پنهنجي گُرمکي
لپي واپرائي واڌارو ڪري رهيو آهي. بنگلاديش آزاد ٿيو، پر
اُتان جو مسلم سماج اُردو نہ، بلڪ بنگالي لپي واپرائي رهيو

ديوناگري سِنڌي ۽ عربي سِنڌي



- پروفيسر لڇمڻ هردواڻي (پُٽي)

سنڌي ڀاشا نسبت پنهنجا ويچار ظاهر ڪرڻ کان پهرين مان سنت شري بابا جئرامداس دربار ۽ شري سوامي پرڪاش جگياسي جَن کي پرڻام ڪندي ڌنيواد ٿو ڏيان، جن پوئين سال منهنجي ستن ديوناگري سنڌي ڪتابن جي هڪ سي.ڊي. PDF فائيل ۾ ڪڍي هئي ۽ ڀاشا تتا آڏيائم جي پرچار هيتوُ سماج ۾ مفت ورهائي هڪ سهڻو ۽ آدرش مثال قائم ڪيو هو. اهڙي ريت هُنن سنڌي ڀاشا ۽ ساهت جي کيتر ۾ پهريون پيرو سنڌي 'اي-بوُڪس' (E-Books) جو آرنڀ ڪيو هو. اليڪٽرانڪس ماڌيم ذريعي پُستڪ پڙهڻ، ڇپائڻ يا پرچار وغيره ڪرڻ جو اِهو نئون طريقو نئين يُگ جي دين آهي، جيڪو ٻين ڀاشائن پڻ اَپنائي ۽ ساهت کي مشهوُر بڻايو آهي.

ڀارتيه ڀاشائن ۽ ساهتيه جي وڪاس-واڌاري ۾ مهان سنتن جو وڏو يوگدان رهيو آهي. سنت شرومڻي گيانيشور پنهنجي 'گيانيشوري' ڪاويه گرنٿ دوارا مرائي ڀاشا کي جيوداڻ ڏنو هو، جنهن جي ڪري ئي اڄ مرائي ڀاشا هڪ اَڀيجات ڀاشا (Classical language) جي پَد تي پهتي آهي، جنهن ۾ سنت تُڪارام، سمرٿ رامداس، سنت نامديو ۽ سنت ايڪنات جو پڻ يوگدان رهيو آهي، جن پنهنجيءَ ئي ڀاشا ۽ پنهنجيءَ ئي ديوناگري لپيءَ ۾ پنهنجي رچنا لکي ۽ عام ماڻهن تائين پهچائي. سنت شري بابا جئرامداس ۽ سندن پوئلگن سنڌي ڀاشا ۽ ساهت جي پرچار جو اهڙو ئي اَنوکو پرچار ڪاريه ڪيو آهي. سيڊيُن جي ماڌيم دوارا ڀاشا ۽ سنڌي ساهت جو پرچار ڪرڻ جي ڪاريه جو آرنڀ هڪ اِتهاسڪ ڪاريه آهي، جيڪو سنڌي ساهت جي کيتر ۾ ڀارت جي ڪنهن به سرڪاري يا غير سرڪاري سنستا ڪونه ڪيو آهي. وديا جي ان مهان ڪاريه لاءِ مان باباجن کي پرڻام ڪندي، سنستا جا ٿورا مڃيندي، پنهنجا ڪي ويچار اوهان جي سامهون رکي رهيو آهيان.

پوئين سال سنڌي ڀاشا جي هڪ سي.ڊيءَ جي مهوُرت جي شُڀ اَوسر تي مون سنڌي ڀاشا ۽ سنڌي لپي ديوناگريءَ بابت پنهنجا ڪي ويچار توهان جي سامهون رکيا هئا. هن سال ٻن سيڊين جي مهورت وقت پنهنجو هڪ نئون ۽ اَهم ويچار اوهان سيني جي سامهون رکي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان، جنهن جو واسطو سنڌي ڀاشا جي ڀلائيءَ سان آهي. ان لاءِ اوهان منهنجي باري ۾ ڪا به غلطفهمي نه ڪندا ان جي آشا اٿم. مون هڪ ويچار اوهان جي سامهون رکي اَڌ ۾ ئي ڇڏي ڏنو هو، جيڪو اڄ پوُرو ڪرڻ چاهيندس. مون چيو هو ته:

''ڀاشا وگيان (Linguistics) ۽ سنڌي ڀاشا جي سُڀاءَ جي لحاظ کان ديوناگري سنڌي ۽ عربي سنڌي ٻه اَلڳ اَلڳ ڀاشائون آهن!''

مان ڪنهن به ڀاشا يا لپيءَ جو وروڌي ناهيان. سيني کي پنهنجو-پنهنجو وڪاس ڪرڻ جو اڌڪارُ آهي. عربي ۽ ديوناگريءَ وارن کي اهو سويڪارڻ گهرجي ته اِهي ٻه اَلڳ-اَلڳ آزاد ڀاشائون آهن، جن ۾ ڪي سمانتا جا سوُتر هوندي ٻه هاڃوڪي گندي راجنيتي ۽ دَويشُ/حسد وغيره کي ڏسندي ٻنهي کي اَلڳ سمجهي ٻين پنهنجي پنهنجي نموني وڪاس ڪرڻ جي آزادي ڏيڻ گهرجي. ويچار پيش آهن-

(1) ديوناگري سنڌي ۽ عربي سنڌيءَ کي ٻه جُدا جُدا ڀاشائون ليکڻ کپي، ٺيڪ اهڙيءَ طرح جيئن هندي ۽ اُردو ٻه الڳ الڳ ڀاشائون ليکيون وينديون آهن. ديوناگري ۽ عربي سنڌيءَ کي ٻه اَلڳ اَلڳ ڀاشائون سمجهڻ جو اِهو ڪوڙو سچ شايد ڪن کي ٻه وڻي يا ڀاءِ نه ٻه پوي، پر اِن سچائيءَ تي ويچار ٿيڻ ضروري آهي. ڇاڪاڻ ته ٻنهي ۾ ٿوري گهڻي سمانتا هوندي ٻه سنڌ اندر اَلڳپڻي جا جزا وڏيڪ موُجود آهن. جيئن ته،

1. هندي ۽ اُردوءَ وانگر ديوناگري ۽ عربي سنڌيءَ جي اک مالا/آئيويتا اَلڳ اَلڳ آهي. عربي اکر مالا ساڄي کان کاٻي ديوناگري کاٻي کان ساڄي يعني هڪ ٻئي جي وِرُڌ دِشائن لکي ويندي آهي.

2. ٻنهي ڀاشائن جون لپيون ٻن اَلڳ اَلڳ سنسڪرتين جو آهن. ديوناگري ڀارتيه لپي آهي ۽ عربي لپي عربي-فارسي اُردو ڀاشائن جي آهي. 'عربي سنڌي' نالو ٻه برٽش سرڪ پاران ئي ڏنو ويو آهي، جنهن عربي نالي اها ڏاري لپي 1853 ۾ سنڌين مٿان مڙهي هئي.

3. ديوناگري سنڌي ۽ عربي سنڌيءَ جي اکرمالا/آئيويتا اَلڳ اَلڳ آهي. ديوناگري سنڌيءَ جي اکر مالا 'اَ' (अ) کان شر ٿي 'هه' (ह) تائين سماپت ٿئي ٿي ته عربي سنڌيءَ ج اکرمالا/آئيويتا 'الف' کان شروع ٿي 'ي' (य) يا 'ء' همزه تائ

...يش لال هٿ ٻڌي هنن کي گڏ هلڻ لاءِ چيو، پر هنن مان
... ڪجهه به جواب نه ڏنو ۽ ڪمري ۾ شانتي ئي ڇانيل
...لچار رميش لال هٿ جوڙي اکين ۾ آنسون آڻي سيني
...مالٿائيءَ سان نهاري واپس در طرف هلڻ لڳو ته اينري
...وءِ رڙ ڪندي چيو، "ڏئڏي!"
... پنيان نهاريو.
...وهان اَسان کي هيترو تڙڦايو آهي، ڏُکي ڪيو آهي،
... کي اَسان اِئين ڪونه ڇڏيندا سين، توهان کي اَسان سزا
...سون سزا."
...زا!!؟ ڏيءُ توهان جيڪا به سزا ڏيو مونکي قبول آهي.
...مان ... گنهگار آهيان توهان جي سزا جي لائق آهيان...
... مونکي سزا ملڻ ئي گهرجي... ضرور ملڻ گهرجي سزا
..."

...ئڏي! توهان کي اَسان جي بلڪل ياد نه آئي!؟" چوندي
...پيءُ جي ڇاتيءَ ۾ منهن لڪائي شيلو روئڻ لڳي.
...يلو! منهنجي ڏيءَ!.... آئي... آئي هئي توهان جي ياد
...گهٽي... تمام گهٽي..."
...يءُ جي هوندي به اسان پيءُ جي پيار کان محروم
...ين! ڇا توهان اڃا به اسان کي ڇڏي ويندا!!!؟ اڃا به اسان
...يءُ جي پيار کان محروم رکندا!!!؟" شيلا روئڻ لڳي.
... ڏيءَ نه! اِئين نه چئه. نيلوُ پُٽ اَچ هيڏانهن اَچ."
...وُ به پيءُ کي ڀاڪر پائي روئڻ لڳي، موهنيءَ جي اکين
...سون اَچي ويا.

Koushliya G. Ahuja
C-3, Shital Park, "Kaushly", Nr., Bajrang
Wadi, Jamnagar Road, Rajkot-360006.
Mo. : 9228872308

مِٺڙي سنڌي ٻولي



... ٻوليءَ جي وِڪاس لاءِ سنڌي حقَن جي لاءِ لڙَن،
...يونيورسٽي، وِڪاس بورڊ - راڄنيتيءَ ۾ ڀاڱو وٺَن،
... جهانڪي، نوٽَن تي نالو - سنڌي چئنل ۽ سنڌو ڀَوَنُ،
...ن بَدلي مِلي "ڪيماڻي" - ڪَنهن سنڌيءَ کي ڀارتُ رَتَنُ.

- ڀوڄراج اين. ڪيماڻي (ٿاڻه-ممبئي)

چيٽي چنڊ

- وريل ڪارڙا 'ماستر' (ڪوٽا)

سيپئي ملي چيٽي چنڊ ملهايون
ڇيڄ وجهون ۽ جهمريون پايون
لعل سائينءَ جي جوت جاڳايون
پلئه پايون ۽ پنجڙا ڳايون
ديگيون چاڙهيون غريبن کي کارايون
سنڌي سيپئي ملي سُمَتِ پايون
چيٽي چنڊ تي عهد دهرايون
ڏيتي ليتيءَ ڏائڻ کي ڀڄايون
نوَجوانن ۾ اُمنگ جاڳايون
غريبن جون نياڻيون پرڻايون
"ماستر" ڏن کي سُڪرِتِ ۾ لايون.

V. Karra
Street No. 10, Plot No. 28, Nr. T.A. Centre, D 53/16,
Poonam Colony, Kota-324002
Mo. : 094610372280

غزل



- گرداس آهوجا 'اجيه' (راجڪوٽ)

١. ڇا آهي تنهنجي دل ۾ اِهو ڄاڻي نٿو سگهان،
تنهنجي ئي تڪيان راهه توکي پائي نٿو سگهان.
٢. توسان گڏ تنهنجو پاڇو بڻجي رهڻ چاهيان ٿو،
هاڻي ته تنهنجي جدائي مان سهي نٿو سگهان.
٣. اکيون بند ڪندي نظر اَچي ٿي تصوير تنهنجي،
پر توکي پنهنجيءَ زبان سان چئي نٿو سگهان.
۴. وَسيل آهين صرف تون ئي تون منهنجيءَ دل ۾،
پر هيءَ دل چيري توکي ڏيکاري به ته نٿو سگهان.
۵. ڳولهين ٿيون منهنجيون هيءُ اکيون توکي ئي هردم،
پر بنا پتي توکي مان ڳولهي به ته نٿو سگهان.
٦. تنهنجو منهنجو ملن ڪڏهن به نه ٿيندو شايد هاڻي،
پر هن مورکه دل کي مان سمجهائي بہ ته نٿو سگهان.
٧. توکي دوُر ڪيو ويو آهي "اَجيه" جي زندگيءَ مان،
چاهيندي به توکي مان حاصل ڪري نٿو سگهان.

Gurdas Ahuja 'Ajay'
C-3, Shital Park, "Kaushly", Nr., Bajrang
Wadi, Jamnagar Road, Rajkot-360006.
Mo. : 9228872308

ڊاڪٽر نيلم جي روم ۾ گهڙندي ئي رميش لال هٿ ٻڌي چيو، ''ڊاڪٽر صاحب! توهان مونکي موڪل ڏني!؟''

''ها، توهان هينئر بلڪل ٺيڪ آهيو گهر وڃي سگهو ٿا.'' نيلم چيو.

''نيلم پٽ تو منهنجي ڏاڍي شيوا ڪئي آهي تو مونکي نئون جيون بخشيو آهي ان لاءِ مان تنهنجي مهرباني...''

''ٺيڪ آ... ٺيڪ آ اِن ۾ مهرباني مڃڻ جي ڪائي ضرورت نه آهي ڇوته اسان جو فرض آهي.''

''هڪ ڊاڪٽر ڪڏهن به پاڻ هڪ مريض جي هيتري شيوا نه ڪري، جي ڪري به ته مشڪل، پر هڪ ڌيءُ ته ضرور پيءُ جي شيوا ڪري سگهي ٿي.''

''توهان چوڻ ڇا ٿا چاهيو آخر!''

''ڇا اڃا به ڪجهه چوڻ جو باقي آهي ڌيءُ نيلو!؟''

''ڌيءُ؟ مون توهان جي چوڻ جو مطلب نه سمجهيو؟ مان توهان جي ڌيءُ ڪٿان ٿيس ۽ توهان هي ڇا چئي رهيا آهيو ڪجهه سمجهو ٿا!؟''

''اڪچاڻ نه بڻ ڌيءُ، تون منهنجي وڏي ڌيءُ آهين نيلم.''

''مان... مان توهان جي ڌيءُ نه آهيان!'' گهبرائجندي نيلم چيو. ترسي چيائين، ''هيءُ توهان جي غلطفهمي آهي مان توهان جي ڌيءُ نه آهيان سمجهيوَ.''

''گهبراءِ نه پٽ، مونکي سڀ خبر آهي ڌيءُ تو مونکي پهرين ڏينهن ئي سڃاتو هو ۽ مان به توکي سڃاتو هو ۽ هيءُ منهنجي ڌيءُ شيلا آهي جنهن کي مان ننڍپڻ ۾ گُڏي ڪري پڪاريندو هوس ۽ آهي به اَهڙي ئي ۽ هيءَ آهي تنهنجي ممي موهني، اَجا به تون چوين ٿي ته مونکي غلطفهمي ٿي آهي!؟ نه پٽ نه مونکي ڪائي غلطفهمي نه ٿي آهي.''

''..........'' نيلم ڪوبه جواب ڪونه ڏنو.

''موهني مونکي معاف ڪر موهني مان... مان تنهنجو گنهگار آهيان مان گنهگار آهيان نيلم جو، شيلا جو مان هٿ ٻڌي توهان کان معافي ٿو گهران مونکي معاف ڪيو.''

''توهان اِن ڳالهه کي ڇڏي ڏيو ۽ هتان وڃو اسان توهان لاءِ مري چڪا آهيون.'' ڪاوڙ ۾ موهنيءَ چيو.

''ائين نه چئه موهني اِئين نه چئه.''

''توهان ته اسان کي ڏِڪا ڏيئي گهر مان ڪڍي ڇڏيو پوءِ ڇا آهي هاڻي!؟''

''اِهو پاپ، اِها ڀُل مون ڪئي آهي اِهو مان قبول ڪيان ٿو. پر مون جيڪو ڪجهه ڪيو منهنجي ماءُ پيءُ جي چوڻ تي ڪيو اِهو پاپ مون ڪيو آهي، توهان کان اِن لاءِ معافي گهران ٿو.''

''ڇو توهان کي پنهنجي سمجهه، پنهنجي سوچ ڪونه هئي ته ڇا ٿيندو هنن جو، ڪيڏانهن ويندا هيءَ، هنن ننڍين ننڍين نياڻين تي به توهان کي ڪا ديا آئي!؟'' موهنيءَ چيو.

''هيترو وقت توهان ڪٿي هئا!؟ توهان کي اسان جي ياد نه آئي ڪڏهن!؟'' نيلم غصي مان چيو.

''اسان جي ڪهڙي حالت ٿي، ڪهڙا ڪهڙا ڏک ڏٺا آهن اُن جي توهان کي ڪهڙي خبر.'' شيلوءَ چيو.

''هنن جي، منهنجي ياد توهان کي ايندي به ڪٿان! هيءُ ته ڏٺيون نه وڌنديون هيون توهان سيني کي هاڻي توهان جو هتي ڪهڙو ڪم اسان کي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏيو.'' موهنيءَ روئندي چيو.

''منهنجي مَت مارجي ويئي هئي موهني مونکي معاف ڪر.'' هٿ جوڙي معافي وٺندي رميش لال چيو.

''اسان هاڻي پنهنجن پيرن تي بيٺل آهيون، سُکي آهيون، نيلم ڊاڪٽر آهي ۽ شيلو به بئنڪ ۾ نوڪري ڪندي آهي، ڏيئر هوندي به آهن ته وڏن عهدن تي!؟ توهان بي شادي ڪئي هوندي پٽ ڄاوا هوندوَ آفيسر ٿيندا ۽ توهان جي ڪُل جو نالو روشن ڪندا نه توهان وڃي سگهو ٿا هاڻي اسان کي مجبور نه ڪيو.''

''موهني مون اڃا شادي ڪونه ڪئي آهي. توهان جي وڃڻ بعد ڊاڪٽر هڪ ڏينهن گهر آيو جنهن سڀ سمجهايو. منهنجي اکين اڳيان جيڪو اَنڌ جو پڙدو چڙهيل هو اُهو دور ٿيو ۽ مان محسوس ڪيو ته مان غلط آهيان مونکي خبر پيئي ته ڌيئر به پٽن کان گهٽ ڪونهن هوُ به پٽن وانگر ڪُل جو نالو روشن ڪري سگهن ٿيون. گهر جو، ماءُ پيءُ جو به ڌيان رکي سگهن ٿيون. زمانو بدلجي ويو آهي هاڻي اَڳه جهڙو نه رهيو آهي، ته پٽ هئڻ ضروري آهن ۽ مان هتي محسوس به ڪيو آهي. مان توهان کي گهڻو ڳولهيم پر توهان ڪونه مليا توهان جو ڪٿي به پتو نه مليو.

''..........'' ڪمري ۾ خاموشي ڇانيل هئي.

''منهنجي ماءُ پيءُ مونکي بي شادي ڪرڻ لاءِ چيو ضرور هو پر مون اِنڪار ڪيو، هڪ آس هئي دل ۾ ته هڪ نه هڪ ڏينهن ضرور توهان سان ڪٿي نه ڪٿي ملاقات ضرور ٿيندي، مان ڀڳوان کي به پرارٿنا ڪئي، وينتيون ڪيون توهان سان ملائڻ جي ۽ ملي توهان کان معافي وٺڻ جي. آخر ڀڳوان منهنجي ٻڌي ۽ مان توهان کان منهنجي ڪيل گناهه، ڪيل پاپ جي وري به معافي ٿو گهران مونکي معاف ڪيو.'' چوندي رميش لال جي اکين ۾ آنسون اَچي ويا.

''..........'' اڃا به خاموشي ئي ڇانيل هئي ڪمري ۾.

وجهہ نہ پيئي ٻڌڻ چاهي. هن جي ساهيڙيءَ هن کي سهارو ڏنو ۽ هن کي گهرائي ورتو. هن جو مڙس ڊاڪٽر هو ۽ هُن هِن کي هتي نرس جي جڳهہ تي رکيو. هن جي ماءُ ڏکہ ڪشٽ ڪشالا ڪڍي ٻنهي ڌيئرن کي پڙهايو. ٻئي ننڍپڻ کان ئي پڙهڻ ۾ هوشيار هيون. ڊاڪٽر جي صلاح ۽ مدد سان نيلم ڊاڪٽر ٿي ۽ شيلا کي بہ هڪ بئنڪ ۾ نوڪري ملي ويئي. نيلم ڊاڪٽري پاس ڪئي تہ پهرين هن کي سرڪاري اِسپتال ۾ نوڪري ڪرڻ جو آرڊر مليو ۽ هوءَ سرڪاري اِسپتال ۾ نوڪري ڪرڻ لڳي.

''مئڊم... مئڊم... مئڊم...'' نرس رتن جي ٻہ - ٽي دفعا ڪارڻ تي نيلم کان ڇرڪ نڪري ويو... ''جي... جي...'' ويچارن مان نڪرندي نيلم چيو.

''ڪهڙن ويچارن ۾ گُم آهيو مئڊم.'' نرس رتنا چيو.

''نہ بس اِئين ئي، چئہ ڪهڙو ڪم اَٿيئي؟''

''هينئر جيڪو پيشنٽ آيو آهي نہ اُن کي هوش آيو آهي ۽ تڪليف...''

وڌيڪ نہ ٻُڌي نيلم اُٿي ۽ تڪڙي اُن روم طرف ويئي جتي هن جو پيءُ داخل هئو. هن جو پيءُ درد کان ڪنجهي رهيو هو.

نيلم سئي هٽندي چيو، ''هاڻي توهان کي ڪيئن آهي؟''

هُن جڏهن نيلم ڏانهن نهاريو تہ ڇرڪ نڪري ويس ۽ هن ڏانهن هڪ ٽڪ نظر سان نهاري رهيو هو. اُهو ئي چهرو، اُهو ئي نالهاڻ، اُهو ئي آواز اُهو ئي رنگ اُهو ئي روپ هن جي اکين ۾ آنسون اچي ويا.

''توهان کي ڌيان سان موٽر هلائڻ گهرجي. سٺو ٿيو جو توهان کي هتي جلد ئي کڻي آيا.'' نرس وري چيائين، ''هان هنو پاڻيءَ جو گلاس ۽ گوري ڦڪي ڇڏيو سور لهي ويندوَ. مان ئي بہ هنئي آهي، جلد ٺيڪ ٿي ويندا.''

نرس رتنا رميش لال کي اُٿاري گوري ڦڪائي ۽ پاڻي پيئاريو.

نيلم اُٿي هلڻ لڳي تہ هن جي پيءُ نيلم جو هٿ پڪڙيندي چيو، ''پُٽ نيلم؟''

نيلم کان هلڪو ڇرڪ نڪري ويو ۽ هيءَ پيءُ طرف نهارڻ لڳي. هن کي ٿيو تہ ڇا هن جي پيءُ هن کي سڃاتو آهي!؟''

''جي......'' گهبرائيندي نيلم چيو.

''نرس مونکي توهانجو نالو ٻڌايو هو.''

''..........'' نيلم هڪ ڊگهو ساهہ کنيو.

''منهنجي ڌيءَ جو نالو بہ نيلم آهي پُٽ. اَڄ هوءَ هُجي ها تہ هوءَ بہ تو جيتري ئي هُجي ها عمر ۾.'' هٿ ڇڏيندي رميش لال چيو.

''هُجي ها مطلب؟'' نيلم چيو.

''جيئري آهي ۾ اَلائي ڪٿي آهي، اُن جو چهرو، شڪل-ڊول تو جهڙي ئي تي لڳي مونکي. توکي ڏسي مونکي منهنجي ڌيءَ جي ياد اچي ويئي.'' چوندي هن جي اکين ۾ آنسون اچي ويا.

نيلم ڪنڌ ڦيرائي ٻنا ڪجهہ جواب ڏيڻ جي واپس پنهنجي ڊاڪٽر روم طرف هلي ويئي. وري ڪرسيءَ تي ويهي رهي. هن کي ٿيو تہ هن کي پيءُ طرف غصو چو نٿو اچي! چو ٿي پيءُ طرف ڇڪ ٿئي هن کي. هن جي اکين ۾ بہ آنسون اچي ويا.

ٻن ڏينهن بعد.

رميش لال نيلم جو پيءُ اخبار پڙهي رهيو هو تہ نرس آئي ۽ ايندي چيائين، ''سر توهان کي هينئر موڪل ڏني ٿي وڃي، توهان بلڪل ٺيڪ آهيو توهان ڪنهن مهل بہ وڃي سگهو ٿا.''

''بس! اينري ۾ ئي! مان اڃا برابر ٺيڪ ٿيو ڪٿي آهيان!؟ هيءُ ڏس هيءُ زخم........''

ڪتيندي نرس چيو، ''مئڊم جو چوڻ آهي تہ هينئر توهان بلڪل ٺيڪ ٿي ويا آهيو ۽ وڃي سگهو ٿا. توهان کي موڪل ڏني ٿي وڃي.'' ترسي وري نرس چيو، ''۽ ها هيءَ دوائن جي لسٽ اٿوَ هيءُ دوائون نيم سان وٺجو، زخم جلدي پرجي ويندوَ ۽ جتي رهندا هُجو اُتي ڊاڪٽر کان ڊريسنگ ڪرائجو.''

''ٺيڪ آ سسٽر جيڪا ڊاڪٽر صاحب جي مرضي. تو ۽ ڊاڪٽر نيلم منهنجي تمام گهڻي سيوا ڪئي آهي مونکي نئون جيون دان ڏنو آهي. مونکي بچايو آهي جنهن لاءِ مان توهان جو ٿورائتو آهيان، شڪرگذار آهيان، احسانمند آهيان، توهان جي گهڻي گهڻي مهرباني.''

''اِن ۾ مهرباني ڪهڙي هيءُ تہ اسان جو فرض آهي.''

''برابر پر توهان نہ هُجو ها تہ... تہ منهنجو اَلائي ڇا ٿئي ها.''

''ٺيڪ آ، ٿئنڪيو، هاڻي تہ بس.''

اوچتو رميش لال جي نظر هڪ عورت تي پيئي هن سان گڏ هڪ ڇوڪري بہ هُيس، هيءُ سڃاڻي ويو. اَڙي! هيءَ تہ موهني آهي. پر هيءَ ڇوڪري! هيءَ ضرور شيلو هوندي منهنجي ڌيءَ شيلو ۽ هوءَ ڊاڪٽر نيلم! هوءَ بہ منهنجي ڌيءُ ئي آهي جيترين نہ وڏيون ٿي ويون آهن ۽ نيلم تہ نيلم تہ ڊاڪٽر بڻجي ويئي آهي، ڊاڪٽر هيڏي وڏي عهدي تي لڳي ٿو نيلم بہ وڏي عهدي تي هوندي. هوءُ اُٿيو ۽ هلڻ لڳو. هن ڏٺو تہ هوءُ ٻئي ڊاڪٽر نيلم جي روم طرف وڃي رهيون هيون: هن کي سمجهڻ ۾ ڪائي دير نہ لڳي، هيءُ سڀ سمجهي ويو.



ڪهاڻي

ڪهڙي ڏوهه جي سزا؟

- شريمتي ڪوشليا آهوجا (راجڪوٽ)

رات جي سناٽي کي چيريندي هڪ ايمبولنس سنسان رستي تي آواز ڪندي تيز رفتار سان اسپتال طرف ڊوڙي رهي هئي. موبائيل رستي اسپتال کي اطلاع ڪيو ويو هو ته ائڪسيڊنٽ جو ڪيس آهي اچڻ تائين تياري رکو.

ايمبولنس اسپتال وٽ اچي پهتي هئي. ٻه پٽيوالا جلد ئي اسٽريچر کڻي آيا. هڪ شخص کي زخمي، رتوڇاڻ حالت ۾ سنڀاري آپريشن ٿيئيٽر طرف وٺي ويا. هيءُ بيهوش ٿي ويو هو.

آپريشن ٿيئيٽر جو در بند ٿيو. ڊاڪٽر نيلم جلدي هڪ سئي هن زخمي ٿيل شخص کي هڻي. ڪپهه سان ڇهري تي ٿيل زخمن کي صاف ڪيو. ٻانهن تي ٻه گهرو زخم ٿيل هوس جنهن کي ٽاڪا هڻيائين. هن جيئن ئي هن جي چهري کي ڏٺو ته هن کان ڇرڪ نڪري ويو. ڪن پل لاءِ هوءَ هن جي چهري ڏانهن نهاريندي رهي. هيءُ هن جو پيءُ هو رميش لال.

”مئڊم.“ نرس رتنا ڊاڪٽر نيلم کي چيو.

”جي... جي...“ ڇرڪ ڀريندي نيلم چيو.

نرس مريض طرف اشارو ڪيو ۽ ڊاڪٽر نيلم جو هٿ تڪڙو تڪڙو هلڻ لڳو ۽ پوءِ نرس کي ضروري تاڪيد ڪري پنهنجي روم طرف هلي وئي. ”هن کي اسپيشل روم ۾ داخل ڪجانءِ.“

”اسپيشل روم ۾؟“

”جيئن چوانءِ تي تيئن ڪر.“ پنيان وري مُنهن ڪندي جواب ڏيندي نيلم چيو ۽ اندر هلي وئي.

”يس مئڊم.“

ڪمري مان ٻاهر نڪرندي نيلم چيو، ”۽ هاڻ هڪ ڪافيءَ جو ڪوپ هيٽنر مون ڏانهن موڪلج منهنجي روم ۾.“

”يس مئڊم.“

نيلم پنهنجي ڊاڪٽر روم ۾ وڃي پاڻ کي هڪ ڪرسيءَ تي ڦٽو ڪيو. سوچڻ لڳي، هيءُ ته هن جو پيءُ آهي! هتي!! هن حال ۾!! مونکي ته غصو اچڻ گهرجي پوءِ ٻه مونکي خبر نه آهي ته غصو ڇو نه آيو؟ ڇو نه آيو غصو مونکي؟!

نرس ڪافيءَ جو ڪوپ ٽيبل تي رکندي چيو، ”مئڊم ڪافي.“

”رکي ڇڏ ٽيبل تي.“ نيلم چيو.

نرس ڪافيءَ جو ڪوپ ٽيبل تي رکي هلي وئي.

ڪافيءَ جي چُسڪي وٺندي نيلم ويچارن ۾ کوهجي وئي. هيءَ ڏهن سالن جي هئي ۽ هن جي ڀيڻ اٺن سالن جي. هن جي ننڍي ڀيڻ جو نالو شيلا هو. هن جي ممي موهنيءَ کي هنجو ڏاڏو، ڏاڏي ۽ هن جو پيءُ مهڻا، طعنا ڏيئي هٽندا هئا ته ”تون نياڻين آهين رگو ڌيئر پيئي تي ڇٽين! اسان کي ڌيئر نه پر پٽ کپن پٽ.“ تنهن تي ممي چوندي هُئين ته، ”اِن ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهه، جيڪا ڀڳوان جي مرضي هوندي اُهو ئي ٿيندو نه اُن ۾ مان ڇا ٿي ڪري سگهان.“ ايترو چوندي هئي ته ٻه مارون کائيندي هئي ته ”تون سامهون ٿي ڳالهائين؟ وات ٿي هٽين!؟“ هيءَ ماءُ جي حالت ڏسندي هُئي ته سهي نه سگهندي هئي ۽ روئندي هئي. هن جي ڏاڏي چوندي هئي ته ”پٽ پٽ ٿيندا آهن پٽ ڪُل جو نالو روشن ڪندا آهن ۽ ڌيئر ته ساهري گهر هليون وينديون آهن. پٽ ئي ٿيندا آهن ٻڍاپي جو سهارو، ڪُل جو نالو روشن ڪرڻ، ڪُل وڌائڻ لاءِ پٽ ته هئڻ ئي گهرجن نه!“

وري هن جي ماءُ ڏينهن سان ٿي وري هن کي ڌمڪي ملي ته هن دفعي پٽ ئي ڄمڻ گهرجي جي ڌيءُ ڄائي ته... پر ڪنهن جي چوڻ تي هنن سونوگرافي ڪرائي وري ڌيءُ ۽ اُها ڌيءُ ٻه ڪيرائي وئي. هڪ نياڻيءَ جي هتيا! وري ٻيهر ٻه ساڳيو ئي قصو وري هڪ ٻي نياڻيءَ جي هتيا پر هن ٽئين دفعي ٻه ساڳي رپورٽ آئي. هن جي ڏاڏيءَ چيس ته، ”پيٽ صاف ڪرائي اچ.“ تنهن تي هن جي ماءُ چيو هو ته ”منهنجو پيٽ ڪو گندي نالي، ڪو گٽر ڪونهي جو صاف ڪرائي اچان هن پيٽ ۾ منهنجي مڙس جي نشاني آهي. توهان ٻه دفعا مجبور ڪيو، پر هن دفعي نه.“ ايترو ٻڌڻ تي هن کي مار ملي ۽ زور زبردستيءَ وري ٻه دوکي سان ٻار ڪيرايو ويو. آخر هن جي آواز اُٿارڻ تي هن کي ڌڪا ڏيئي گهر مان ڪڍيو ويو. نه صرف موهنيءَ کي پر ٻنهي ڇوڪرين کي ٻه.

هن جي ماءُ ٻنهي ڌيئرن کي وٺي ماءُ پيءُ جي گهر آئي. هن جي ماءُ پيءُ پنهنجي سيڻ، سيڻ ۽ نياڻي کي گهڻو ئي سمجهايو پر هو نه مڃيا. هن جي ماءُ پنهنجي ماءُ پيءُ تي

ٻوڙندي اَچي چرنن ۾ پوندءِ. پوءِ گهر ۽ گهر کان ٻاهر موڙج مستي- گهر واري لاءِ ۽ ٻاهر واريءَ لاءِ سونا هار ۽ ڪنگڻ، پل تہ روز ملائي، جيڏين وچ ويهي، ڳاٽ اوچو ڪري گهمنڊ ۽ غرور مان، شان ۽ مان مان چوي، ''ڏس، منهنجي مڙس جي مٿين ڪمائي.''

چوانءِ سچ تہ سمجهہ ڪوڙ، زمانو اَٿيئي ڳاڏڙ جو. سون بہ تڏهن سونهين جڏهن منجهس ڦيٽ پوي. پر ياد رک، اُن کي ڪڏهن بہ ڪسوٽيءَ تي پرکڻ جي ڪوشش نہ ڪجانءِ، نہ تہ دل ڏُکي ٿي پوندءِ. جي ڏُکي ٿئين تہ اَڪيلو رهجي ويندين، اِن ڪري کل-خوشيءَ، موڙج-مستي ڪر. اِن لاءِ ''بار'' گهٽيئي اَٿيئي جتي نينگرين جي بہ ڪمي نہ آهي. ضرورت آهي تہ صرف مٿين ڪمائي جي. اِنهيءَ جي کوٽ تہ آهي، ضرورت آهي همت جي سو بردبار ٿيءُ. ڪم کان پاسو ڪر، ڪم کي ٽار، منجهاءِ، سُستيءَ سان پڪي دوستي ڪر، اُبتي هٿ سان بہ ڪنهن جو ڀلو نہ ڪر، ووِيڪ کي لولي ڏيئي سُمهاري ڇڏ، جي ضمير ضد ڪري ٿي تہ، ڪنتريءَ جو آڌيو پيئاري ڇڏيس. ٻاهريون شان-مان قائم ڪر. جيئن ڏسڻ وارو، ملڻ وارو، ڇڱي طرح دوکو کائي، توکي اعليٰ ترين آفسير سمجهي سلام ڪري.

'ڇا پيو سوچين؟ ڇا پيو ڏسين؟'

'هوُ گند جا ڍِگہ، جن تي مکيون مڇو پيا گهمن يا هيءَ جانورن جا مرهہ... جن مان بوءِ پيئي اَچي.'

فڪر جي ضرورت نہ آهي. اَڄ اِنسان اِنهن ڳالهين جو عادتي ٿي پيو آهي. اِها هزارين گلبن جي خوشبوءِ جي برابر آهي. اِن لاءِ ئي ڪيس مستقبل لاءِ شڪتي ملي ٿي. اِها ئي سندس ساهہ ۾ سمايل آهي- اِن لاءِ تہ چوانءِ ٿو اَڄ جي اِنسان کي باغن، بغيچن جي، گلن ڦلن جي، هبڪار جي ضرورت نہ آهي جي نظر گهٽ بہ ٿي وڃي تہ وسيلن جي ڪمي ڪونہ آهي اِن لاءِ پئسو خرچ ٿيندو، اُن جي بہ کوٽ نہ آهي پوءِ صبوح-شام باغن ۾ وڃي سئر ڪري وقت ڇو وڃائجي؟'

ٻي ڳالهہ ياد رک، زندگيءَ ۾ ڪامياب ٿيڻ لاءِ ڪنهن بہ ڳالهہ کي 'تيليءَ مان ٿنڀ' بڻاءِ. چتر زباني، چالاڪي، مغروري، پاڻ پڏائڻ جي عادت پاڻ ۾ وجهہ، جي نہ ڪري سگهين تہ ڳارين جو اِسٽاڪ ڪٺو ڪر. هر لفظ پويان يا جملي پويان ڳار اَچڻ گهرجي، اِن لاءِ اهو ضروري آهي تہ تو ۾ عيب جوئيءَ جو گڻ هجي، جي اِهو هوندءِ تہ پوءِ تون پنهنجا عيب ٻين جي عيبن پٺيان ڍڪي سگهندين.

جي سمجهيو اَٿيئي تہ پاڻ جيڏن کي ڪٺو ڪر، ٻرندڙ موم بتيءَ مٿان هٿ جهلي چئو ۽ چواءِ، 'ڪڏهن بہ ايمانداري، شرافت، سچائي، محنت ڏانهن اک کڻي بہ نہ ڏسندس پر اُنهن کي سچائڻ کان بہ نابري واريندس. اَڄ کان وٺي منهنجا سچا پرم متر آهن- ڀرشٽاچار، رشوت، بي ايماني، مڪاري، ڪوڙ، دغابازي، بدڪاري، بدتميزي. مان اِنهن کان ڪڏهن بہ غافل نہ رهندس ڇو جو غفلت نقصانڪار آهي.

جئہ بي ايماني تنهنجو آسرو....

Daulat Ahuja
D-2/41, Mayanagar Society, Tilak Path,
Thane East-400603 (Maharahtra)
Mob.: 08693033709, Ph.: 022-25323118



گيت

- گرداس آهوجا
'اجيہ' (راجڪوٽ)


- تو بن ڪيئن ٿي گُذري،
هيءَ زندگي منهنجي،
توکي ڪهڙي خبر او يار.....
توکي ڪهڙي.....

١. دُور وينئي آ تون،
نظر نہ اَچين ٿي تون ڪٿي-٢،
اکين جا آنسون بہ ويا سُڪي،
ڳولهيندي توکي هِتي هُتي،
تون بن ڪيئن..... توکي ڪهڙي.....

٢. سمنڊ وٽ وڃي پُڇ تون اُن کان،
ڪئن تڙڦندي آ جل بن مڇلي-٢،
ڪڏهن اَچي ڏس تون بہ،
ڪيئن تڙڦي ٿي دل منهنجي....
تو بن ڪيئن..... توکي ڪهڙي.....

٣. دل لُٽجڻ سان ڪيئن،
ڪنهن جي دل ڦٽڪندي آ-٢،
ٿيندو آ ڪهڙو حال يار جو،
بس مرڻ جي آس ۾ آهي هوُ جيئندو،
تو بن ڪيئن..... توکي ڪهڙي.....

Gurdas Ahuja 'Ajay'
C-3, Shital Park, "Kaushly", Nr., Bajrang Wadi, Jamnagar Road, **Rajkot-360006.**
Mo. : 9228872308



ليک

ڪاميابيءَ جي ڪُنجي

- دؤلت آهوجا (ٿاڻي-مُمبئي)

’هي منهنجا بدبخت من ڪنهن جي تلاش ۾ نڪتو آهين؟ هينئن ڳهيلو نہ ٿيءُ. ذراسوچ ڪر. ڪلجڳي سمي تي پهريائين ويچار ڪر.‘ مون چنچل من کي سمجهائڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي پر هيءُ اِتِ هٽي بهي رهيو. ور-ور ڪسڪيو وچي سنسار جي ڳالهين تي اَٽڪيو پوي. آخر هاري، ويچار ڪرڻو ئي پيو.

بختاور جي سچائي بصر جي تهن ۾ سمائجي چڪي آهي. تهہ کولڻ کان پوءِ هٿ ايندين ٻہ داڻيون. ايمانداري پڪيءَ جيان پر ڪڍي برهمانڊ ۾ اُڏامي چڪي آهي. اَشرف-ال-مخلوقات جو لقب وقت جي تيز ڌار ڌوئي شيشي جيان صاف ڪري ڇڏيو آهي. شرافت اڪيلي ڪنهن ڪُنڊ ۾ ويهي روئي رهي آهي، اُها بہ تڏهن نظر ايندي جڏهن ڪ اگربتي ڪٽي هٿ ۾ ڳولهڻ نڪربو.

اِنساني نظريو، اِنسانيت جون خصوصيتون وقت سان بدلجي چڪيون آهن. اِهي خصوصيتون جن واسطي راجا هرشچندر پاڻ قربان ڪيو، سوامي ڀڳت هنومان شري رام جي نالي جي شڪتيءَ سان سمنڊ پار ڪري سگهيو. ارجن پاتال مان گنگا کي ڪڍي سگهيو، ڀيشم تيرن جي سيجا تي سُمهي سگهيو، اِهي سڀ ڳالهيون ماضيءَ جي صنف ۾ قيد آهن.

اَڄ اعليٰ، سُکي اُهو آهي جنهن وٽ لڪشميءَ جي مهر آهي. پر هن جي سواري تہ اُلو آهي. جنهن ڪري هرهنڌ نادان جي سخت ضروت آهي ۽ داناءُ دشمن سمان آهي- تنهنڪري ڪامياب ٿيڻ لاءِ پنهنجي عقل کي تجوڙيءَ ۾ بند ڪري، مضبوط تالو لڳائي چاٻيءَ کي سمنڊ جي ڪاهيءَ ۾ ڦٽو ڪر تہ ايندڙ سٺن پيڙهين جو مستقبل روشن ٿيندو- تنهنڪري سڀ کان پهريائين لڪشميءَ روپي طلسمي چاٻي هٿ ڪر، رشوت جو لوپ پاڻهي سيني ڪمن جا دروازا کولي ڇڏيندو.

’اَڙي من، ڇا پيو سوچين؟ اُٿي ڪڙو ٿيءُ. هن سماج جي رکہ کي سڃاڻ. ياد رکہ، جيترو وڏو جوتو، پالش بہ اوتري ڪم آڻي آهي ۽ هميشهہ ڪيسي ۾ سٺي پالش جي دٻيءَ جو هئڻ ضروري آهي نہ چاڻ ڪڏهن ڪم اچي وڃي. زبان کي ماکيءَ جيان مٺان رکڻو آهي جيئن خوشامدي لفظ هڪ ٻئي پٺيان ماکيءَ ۾ ٻُڏي قطار ۾ ٻاهر نڪرن ۽ ڪنڌ ٩٠ درجن جي ڪنڊ تي رکڻو آهي. مُشڪ کي هڪ اِنچ مان ڇڪي چار اِنچ ڊگهو ڪرڻو آهي. ذري ذري ڳالهہ تي ٽهڪ ڏيئي سامهون واري اڳيان پنهنجي ناداني‌ءَ جو ثبوت پيش ڪرڻو آهي. قدبُت جي چنتا نہ ڪجانءِ، صرف ڪرسي ۽ اُن جي رسوخ کي ڌيان ۾ رکي، پنهنجي سوارٿ کي پورو ڪرڻ لاءِ، مالڪ جي بيوقوفين کي نظرانداز ڪري هن کي پڏائڻو آهي جيئڻ گدڙ لولو ٽُڪر هٿ ڪرڻ لاءِ ڪانوَ جي ساراهہ ڪئي هئي.

جي خوش رهڻو اَٿيئي تہ ڪڏهن سچ نہ ڳالهاءِ، چون سچ مرچان، ڪوڙ ڳڙ. جي سچ جو پاسو ورتو اَٿيئي تہ پالش جي دٻي ڪيسي ۾ جيئن جو تيئن پيئي هوندي ۽ لاٿون جيان پيو ٽڙڪيون کائيندي- اِن کان سواءِ پنهنجن پائرن يا پينرن جو خيال رکڻو اَٿيئي، اُنهن جي بہ تو مان ڪا اُميد هوندي. تنهن ڪري تيل ڏس، تيل جي وهڪ ڏس، گراهڪ ڏسي پري ٻڌُ، پوءِ پل ٽوٽڪو سامهون اَچي، ’ڪوئي لڏي هٽڊ ڳڙي، ڇٽي آءُ بہ پساري.‘ برابر.... توکي ڏونگي جا ٽي ٽنگہ اهڙي نموني پيش ڪرڻا آهن جو پرن جا سوين ٽنگہ اُنهن ٽن ٽنگن پويان ڍڪجي وڃن ۽ پوءِ ’اٽو ڪِاڏو ڪوئي تہ مار پيئي ڳابي تي‘ جي چوڻي صحيح ثابت ڪرڻي اَٿيئي. تڏهن ئي مقصد حاصل ڪري سگهندي- ياد رکہ، ’غريبان آهہ، قهر خدائي.‘ جيستائين غريب جي آهہ نہ نڪتي آهي تيسين ڪيسو گرم ٿيڻ وارو نہ آهي. پل رڙيون ڪري، دانهون ڏئي، قانون جا در وچي ڪٽڪائي، تنهنجو ڇا ويندو؟ تون اڳتي وکہ وڌاءِ.

اِنسان جون گُهرجون بہ اَٽي، لٽي، اجهي جي دائري مان ٻاهر اَچي ويئون آهن. سهڻو سينگاريل فليٽ، ڪلر ٽي. وي.، واشنگہ مشين، ٽيليفون ۽ ڪار اِهي تہ اَڄ جي وچولي طبقي جي سڃاڻپ جون شيون آهن. پر اِهي پگهار مان، دڪان جي حق-حلال جي ڪمائيءَ مان پوريون ٿيڻ واريون نہ آهن. اِن لاءِ طلسمي چاٻيءَ جو اِستعمال ڪر (رشوت) تہ مٿين ڪمائي

ن صاف صاف ظاهر آهي تہ سنڌي ٻوليءَ کي نقصان پھچائڻ ۾ اسان جا وڏا ئي گھڻي قدر جوابدار آهن. البت، فقط وڏن کي ڏوهہ ڏيڻ بہ واجب نہ آهي. ڇا اسين نوجوان بہ ن حالت لاءِ جوابدار نہ آهيون؟ اسين جيءَ ۾ جهاتي پائي پاڻ کان سوال پُڇون تہ اسان پاڻ سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت جي اڌاري لاءِ ڇا ڪيو آهي؟ اسان گهڻين سنڌين اخبارن ۽ مخزنن جا چندا ڀريا آهن؟ ڇا اسين سال ۾ هڪ بہ سنڌي ڪتاب خريد ڪري پڙهون ٿا؟ ڇا اسان ڪڏهن سنڌي آڊيو يا ويڊيو ڪئسٽ خريد ڪئي آهي يا ڏني آهي؟ سال ۾ ڳ ھٽيون سنڌي فلمون ٺهن ٿيون؟ جيڪڏهن اُهي نہ ٿيون ٺهن انهن جو ڀلاءُ نہ ٿو ٿئي تہ ڇا اِن لاءِ اَسين خود جوابدار نہ هيون؟ ڇا اسان جو جدا جدا سنڌي سنستائن سان سنٻنڌ رهيو آهي؟ ڇا اسان ٽِڪيٽون خريد ڪري ڪڏهن سنڌي ناٽڪ ڏٺا آهن.

پنجن پرانتن ۾ سنڌي اڪادميون آهن. ٻُڌايو تہ اُنهن ۾ نوجوان ٽهيءَ جا ڪيترا ميمبر آهن؟ اُن لاءِ ڪير جوابدار آهي؟ هيءَ زمانو آهي ڏاڍ مڙسيءَ جو. رڙين واڪن ڪرڻ ۽ لٺين کڻڻ ڪانسواءِ ڪوبہ ڪم ڪونہ ٿو ٿئي. اِن تي مون لِکيو آهي:-

ڏک هٽڻ سان دعوت مِلندءِ ۽ مشڪڻ تي مار،

آهي اِها جهوني روايت، جاڳن جوان ٻُڌا ۽ ٻار.

اسان نوجوانن کي يڪمشت ٿي سوچڻ گهرجي تہ اسين ڪي نوس اُپاءَ وٺي سنڌين جي حفاظت ڪريون ۽ اُن جي ترقي ڪريون. جيڪڏهن سنڌي جاتيءَ سان ڪو انياءُ ٿئي ٿو تہ اُن جي خلاف آواز اُٿاريون. سنڌيءَ تي جيڪڏهن ڪو غير سنڌي حملو ڪري ٿو تہ اسين اُن تي ڪلنداسين نہ، بلڪ گڏجي اُن جو مقابلو ڪنداسين. اسين جيءَ ۾ جهتي پائي ڏسون تہ مفت ۾ بہ مِلندڙ ڪتاب ۽ رسالا ڪڏهن اسان کولي پڙهيا بہ آهن؟ مونکي ياد ٿو اچي تہ منهنجا ٻہ ايب دوست آهن، هڪ تہ ٽپال ۾ وٺس ايندڙ سنڌي ڪتابن ۽ رِسالن جو رئپر' بہ نہ لاهيندو آهي. اُهي اِئين ئي پيا هوندا آهن. ٻيو دوست ٽپال ۾ آيل مفت جدا سنڌي ڪتاب ڪٺا ڪري رديءَ ر يا ٻل سان ادارن کي وڪڻي ڇڏيندو آهي. ڀلا جيڪڏهن اديب ۽ ليکڪ ئي اِئين ڪندا تہ پوءِ ٻين عام سنڌين کي کهڙي معيار ڏجي؟ ادا، ڪنهن کي ڏوهہ ڏيئي ڪنهن کي يون؟ ڪوڙيءَ کي ئي گهمرو لڳو پيو آهي. ڪيترن کي اِها ند آهي تہ اسان جي ديش ۾ ٻورائيءَ وارين جاتين کي جيڪي سھوليتون ملنديون آهن، اُهي اسان سنڌين کي مِليون هن يا نہ؟ جيڪڏهن نہ، تہ اُن جو کهڙو ڪارڻ آهي؟

مرڪزي سطح تي جيڪي ادبي سنستائون آهن يا پرانتن جي سطح تي جيڪي سرڪاري يوجنائون هلن ٿيون، اُنهن جو اسان سنڌين ڪيترن قدر فائدو ورتو آهي؟ ڇا اسان کي ڄاڻ آهي تہ آڪاشوائيءَ تان ڪهڙي وقت تي ۽ ڪهڙن ميٽرن تان سنڌي پروگرام ۽ خبرون نشر ٿينديون آهن؟ ڇا اِهي پروگرام ۽ خبرون اسين ٻُڌون ٿا؟ جي نہ، تہ پوءِ سرڪار کي ڏوهہ ڏيڻ مان ڇا ورندو؟ ڇا اسان کي سُڌ آهي تہ دوردرشن تان سنڌي پروگرام ڇو نہ ٿا ڏنا وڃن؟ اُن لاءِ اسان سرڪار تي ڪيتري قدر زور آندو آهي؟ چوٽي آهي تہ روئڻ کان سواءِ ماءُ بہ ٻار کي کير نہ ڏيندي آهي. سو اسين جيستائين رڙيون واڪا نہ ڪنداسين يا زوردار نموني طلب نہ ڪنداسين تيستائين اختياريءَ وارن تي ڪوبہ اثر شايد ئي پوندو. اچو تہ گڏجي دوردرشن تي سنڌي پروگرامن لاءِ گهر ڪريون، جنهن جي شروعات سنڌيءَ ۾ خبرن جي پرسارڻ سان ڪرائي سگهجي ٿي. سنڌي ٻولي اسان جي ماءُ آهي، جنني آهي. اُنهيءَ جي وڪاس لاءِ جيڪڏهن اسان پنهنجو فرض نہ پاليو تہ پوءِ اِتهاس ڪڏهن بہ اسان کي معاف نہ ڪندو. هر سال ڀارت ۾ مرڪزي سرڪار طرفان توڙي راڄيہ سرڪارين طرفان ۽ خانگي سنستائن طرفان سنڌي سيمينار ٿين پيا. جتي اسان جا نيتائون ۽ اديب وڏي واڪي چون پيا تہ سنڌيت جو وڪاس ڪرڻ گهرجي. سنڌي ٻوليءَ جي ڀلاءَ لاءِ ڪي رٿائون عمل ۾ آڻڻ کپن. ڇا فقط اِئين چوڻ سان ئي سنڌيت جي رڪشا ٿي سگهندي. اِهي تہ فقط ڊاڙون چٽيون، لباڙون ليکبيون، جن مان ڪو بہ ڪڙتيل نہ نڪرندو. حقيقت ۾ ڏسجي تہ جيستائين سيني سنڌين ۾ سُجاڳي نہ آئي آهي، هنن ۾ سنڌيت لاءِ پريم پيدا نہ ٿيو آهي، تيستائين سنڌي ٻوليءَ، سنڌي ساهت، سنڌي سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ جو وڪاس ٿيڻ ڏکيو آهي. اِن ڏس ۾ وڏيءَ عمر جي سنڌين تي وڏي جوابداري آهي. سماج جو ننڍي ۾ ننڍو ايڪو يا يونٽ آهي ڪٽنب. اُن ۾ جيڪڏهن مائٽن، ٻارن ۾ ننڍي هوندي کان ئي سنڌيت لاءِ پيار نہ جاڳيو تہ پوءِ اڳتي هلي اُهي ٻار سنڌي سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ تي ڪڏهن بہ فخر نہ وٺي سگهندا. اِن ڪري منهنجي صلاح آهي تہ اچو تہ اسين سڀيئي گڏجي ڪٽنبي سطح تي ٻارن ۾ سنڌيت جو ٻج پوکيون. جيڪڏهن اِئين ڪيوسين تہ پوءِ اسان جي ٻوليءَ ۽ سڀيتا لاءِ ڪنهن بہ قسم جو خطرو نہ ٿيندو. اچو تہ جيءَ ۾ جهاتي پايون ۽ پنهنجي جنني سنڌي ٻوليءَ ۽ سڀيتا ڏانهن فرض نڀاهيون.



سنڌيت ۾ نئين ٿهي

- اُمل آهوجا 'رحمي'

اسندي سنڌي ناٽو ڪٽو ڪرڻ ۾ بيحد دلچسپي وٺون ٿا. ناٽو بيشڪ زندگيءَ ۾ تمام ضروري آهي، پر اِن جو مطلب اِهو نہ آهي تہ نہ آهي تہ اسين ناٽو ڪٽو ڪرڻ ۾ مصروف رهون، جو اسان کي 'سنڌيت' چوي، (اسان جي جنني، ٻولي بہ تہ جنني آهي) تہ او ٻارڙا، مونکي وسارين چو ٿو؟ مونکي بہ تہ ياد ڪر.

مون گجرات ۾ رهندي، مڌيہ پرديش جو ڏورو ڪندي ۽ تازو ئي دهليءَ ۾ اچي رهڻ کان پوءِ اِئين محسوس ڪيو آهي تہ حالتون ڏينهون ڏينهن نفي ٿينديون پيئون وڃن! گجرات ۾، احمدآباد جي سنڌي نگرن ڪٻيرنگر، سردارنگر، واڙيج وغيره کي ڇڏي ٻين اُپنگرن مان سنڌي ٻولي ڪوهن جا ڪوهہ پري هلندي پيئي وڃي. ڪجھ علائقي ۾ سنڌي ٻولي قائم آهي. اِنهيءَ جو سبب اِهو آهي جو اُتي ٻي مڪاني ڀاشا ڪڇي آهي، جيڪا سنڌيءَ جي اُپڀاشا آهي. اڄ ڪالهہ سنڌي لِکڻ پڙهڻ تہ پري رهي، پر هاڻي تہ ڪيترا سنڌي پنهنجي ماتر ڀاشا ڳالهائڻ کان بہ ونءُ پيا وڃن. اُهي سنڌي جيڪي 'سنڌي' سڏائڻ ۾ گويا پنهنجي گهٽتائي محسس ڪندا آهن، تن کي مان چوندو آهيان تہ ''ادل، اوهين اِها ڳالهہ چو ٿا وساريو تہ پکي بہ پنهنجي ٻوليءَ کي نہ ڇڏيندا آهن. اسين تہ اِنسان آهيون. مون احمدآباد ۾ هڪ سنڌي پروفيسر کي پنهنجي ڌيءُ سان هنديءَ ۾ ڳالهائيندو ڏٺو. کيس ورجايم، تہ وراڻيائين تہ ''ڇا ڪريان؟ هيءَ سنڌيءَ ۾ ڳالهائي ئي ڪانہ.'' پر اِئين چوندي هن جڻ فخر ٿي محسوس ڪيو. هاڻي اسين ڏسون تہ اِن لاءِ جوابدار ڪير آهي؟ اُها ڌيءَ يا سندس پيءُ؟

ٻئي دفعي وري هڪ سنڌي نيتا کي سنڌين جي سڀا ۾ هنديءَ ۾ ڀاشڻ ڏيندي ڏٺم. اُن نوجوانن کي صلاح ڏئي تہ ''سنڌي ڀاشا ڪو ڪيي نهين ڀولنا.''

متيان ٻئي مثال ڇا ٿا ڏيکارين؟ اِنهن ٻنهي واقعن مان صاف ظاهر آهي تہ ننڍي ٿهيءَ وارن کان بہ وڌيڪ اسان جا وڏيءَ عمر وارا سنڌي ٻوليءَ کي نقصان پهچائڻ ۾ سؤ في صدي جوابدار آهن.

پهرئين مثال ۾ پروفيسر يعني ماستر جي وڏي جوابداري هوندي آهي. ٻارن کي سُڌارڻ، سنوارڻ جي. جيڪڏهن پروفيسر ئي پنهنجيءَ ڌيءُ کي نہ سمجهايو، هن تي غيرسنڌي زبان ۾ گفتگو ڪرڻ تي روڪ نہ وڌي تہ اُن ۾ ٻار جو ڪهڙو ڏوهہ؟ مطلب تہ اهڙيون حالتون پيدا ڪرڻ وارا اسان جا وڏا ئي آهن. هاڻي اِن جو نتيجو اِهو نڪتو آهي جو ڀارت ۾ سنڌي ٻولي واهپي مان گهٽي قدر نڪرندي پيئي وڃي. اسين سنڌي، سنڌ مان مجبورن لڏي ڀارت ۾ آياسين. هتي الڳ الڳ پرانتن ۾ وڃي ٽاٽو ٽڪاٽو ڪيوسين. اِن جو نتيجو اِهو نڪتو تہ سنڌي تعليم جو سرشتو ٽُٽي پيو. اِن جو اثر سنڌي ٻوليءَ تي پيو. جُدا جُدا پرانتن ۾ سنڌين تي مڪاني ماڻهن جي اثر ڪري اُتي جي ڏڻن وارن ۽ کاڌن-پيتن ورتائڻ ڪري بہ اسان جي سنڌيت کي گهڻو ڌڪ لڳو. اُن کان پوءِ آهستي-آهستي اِسڪول مان سنڌي غائب ٿيندي ويئي. اِتي بہ بس ڪانہ ٿي. گهرن ۾ بہ سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو واهپو گهٽجي وڃڻ تي اسان جي ٻوليءَ کي گهڻو ڌڪ لڳو آهي. اِهو ڇا ٿو ڏيکاري؟ اسين پيسي جي خيال کان ڀلي هاڻي امير ٿيا هجون، پر پنهنجي ٻوليءَ، سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ کي سلامت رکڻ لاءِ اسان کي جيڪا فرض ادائي ڪرڻ گهرجي، تنهن کان اسين ڏينهون ڏينهن سُپرجيت هوائي جهاز جيان پري پري ڀڄندا پيا وڃون. اِها سچ پچ چنتا جي ڳالهہ آهي. اِن جو جلد بہ جلد جوڳو علاج ڳولهڻ گهرجي، نہ تہ تہ سنڌيت کي قتل ڪرڻ لاءِ اسين پاڻ ئي جوابدار ٿينداسين. اِن حالت جي طرف اسان جي سداحيات شاعر نارائڻ شيام اِشارو ڪندي چيو آهي تہ:

''اِلائين نہ ٿئي جو ڪتابن ۾ پڙهجي،
هئي سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ٻولي.''

اسان جي سردارنگر جي شاعر ارجن حاسد بہ اِن طرف اِشارو ڪندي چيو آهي :-

''زندهہ سان قوم رهندي،
جنهن جي زبان زندهہ.''

هن وقت جيڪي حالتون بڻيون آهن، اُنهن جي اپياس

ديوناگري لپيءَ ۾ به آهي.

جمنا : سچ پچ اسان جي ٻوليءَ سنسڪرتي دنيا ۾ پهريون نمبر آهي، اَسان ۽ اَسان جا ٻار کائڻ-پيئڻ، گهمڻ-ڦرڻ، ڏنڊڻ-ڏاڙين ۾ ۽ پئسا ڪمائي پئسا خرچ ڪرڻ ۾ ته پهريون نمبر آهيون ته ڇا ٻوليءَ کي بچائڻ ۾ پهريون نمبر نه ٿينداسين، ضرور ٿينداسين، ضرورت آهي پڪي اِرادي جي.

ساوتري : اِئين نه ٿئي جو وراثت ۾ مليل پهرين سنڌ وڃائي ۽ پوءِ سنڌي ٻولي وڃائي ويهون ۽ پوءِ سنڌي صرف اِتهاس ٻڌجي وڃون. اِن ڪري اَچو ته سڀئي گڏجي اَڄ وچن وٺون ۽ چئون ته،

''جيئڻ ساهه بنا سرير ناهي، تيئن منڙي اَباڻي ٻولي ڪانسواءِ سنڌي ناهي سنڌي ناهي.''

سڀ : گڏجي نچي ڇون ٿيون،

سنڌي اباڻي ٻولي، منڙي اَباڻي ٻولي (٢)

آيولال جهوليلال (٣)

جئه هند - جئه سنڌ.

(پڙدو هيٺ ٿو ڪري.)

Deepa M. Wadhwani
A/12, Manik Society, B/h. P & T Complex,
Jodhpur Road, Satellite, Ahmedabad-380015.
Phone : 9978544777



ويراڳ

- ناديا مسند (اِندور)

ايمان جو هڪ قطرو
ٻه گرهه صبر جا
ٽڪل واعدا
ٽُٽل قسمون
مون وٽ ٻي ڪا به
دؤلت نه آهي

دل نه ٿي لڳي
هاڻي
ٿي ويو آهيان مان
ڏکن سُورن کان پري
نه ڏک جو احساس
نه سُورن جو بار

وقت اچي ويو آهي
هاڻي عبادت ڪي
وشواس پريو
واعدو ڏيئي ڇڏڻ جو.

Dr. Nadia Masand
28, Scheme No. 78/2, Vijay Nagar,
Indore-452010.
Phone : 0731-2555501, 9826325400

سنڌي ڪهاڻي

خُوبصورت اِظهار

- ڊا. چندرا سائتا (اِندور)



اسانجي گهر جي پرسان واري گهر ۾ شريف پائي رهندا آهن. اَڄ اُنهن جي گهر جيپ ۾ ۽ نگر سيوا ۾ چڙهي ٻارن جو اچڻ وڃڻ جاري هئو. هُوَ گهر ۾ اڪيلائي رهندا هئا. اَڄ سڄو ڏينهن اچ-وڃ رهي پر مجال جو گهر مان ڪنهن به قسم جو گوڙ يا آوازون ٻڌڻ آيون. نه ئي وري ڪا ٻي ادبي ڪنهن سان ٿي يا ڪنهن کي به ڪا شڪايت ٿي.

شام جو شريف پائي هڪ ڪپڙي سان ڍڪيل ٿري ۾ ڪُجهه کڻي اسان جي گهر آيو. هُن گهر جي ٻاهر منهنجي ٻارهن سالن جي پُٽ کان جيڪو ٻاهر کيڏي رهيو هئو، پڇيو، ''پاپي جي گهر ۾ آهن؟'' هن جو آواز ٻُڌي مان ٻاڻ ئي ٻاهر اچي ويس ڇو جو هونئن به مان ڪنلاش کي ٻاهر سڏڻ اچڻي هئس.

''اچو اچو پائي جان.'' اندر اچي هُن اُها ٿري مونکي ڏني.

''اهو ڇا آهي؟'' مان حيرت مان پُڇيو. ڇو جو نه ته ٻکري عيد هئي نه عيد الفطر هئي. مان اڃا ڪجهه چوان اُن کان پهريائين

ئي صوفا تي ويهندي هُن چيو.

''ڪُجهه خاص نه آهي، پاپي جي- توهان کي ته معلوم آهي پندرهن ڏينهن اڳ اسان جي گهر لکين رپين جي چوري ٿي ويئي- وري اُن ڪانپوءِ شارٽ سرڪٽ جي ڪري اسان جي بيڊروم ۾ باهه به لڳي ويئي هئي. انهيءَ ڪري مَن ۾ آيو ته ٻارن کي ڪوٺي قران خواني ڪرايان، جيئن توهان وٽ به گيتا، رامائڻ جو پاٺ ٿيندو آهي- بس اُن جو پرساد آهي.''

مان حيران ٿي ويس. من ۾ من سوچيائين پيئي، رنڊڻي ۾ وڃي ڏٺم ته ٻه ڊونگا هئا هڪ تيوڻ سان ڀريل هو ۽ ٻيو منين شين سان. ذرا سنڀالي مان ٻئي ڊونگا رکندي سوچيم ته ڪهڙي نه خوبصورت طريقي سان هُن مونکي ڳالهه سمجهائي.

Dr. Chandra Saita
"Saita Bhawan", 19, Shrinagar Colony (Main),
Indore-452018.
M. : 09329631619

سلي : آنٽي مزي ۾ هون.

رتو : جمنا کي پيري ٿي پوي ۽ چوي ٿي آنٽي مزي ۾.

جمنا : ڇٽ پٽ ڇٽ.

ساوتري : اڄڪلهه ٻارن کي الائي ڇا ٿي ويو آهي؟ سنڌيءَ ۾ ڳالهائين ئي ڪونه ٿا. سنڌي ڳالهائيندي شرم ٿو اچين.

جمنا : منهنجو ته سوچي ڪري ساهه ٿو سُڪي ته اسان کان پوءِ اسان جي ٻوليءَ جو ڇا ٿيندو؟

(دروازي تي نڪ نڪ ٿي ٿئي.)

ساوتري : رتو ڏس ته ڪير آهي؟

(رتو دروازو کولي ٿي ته چترا، شڪو، پدما ۽ ڪملا اندر ٿيون اچن.)

ساوتري : اڙي اڄ سڀ ڪھڙي پاسي کان اُبريو آهي؟ ڪٿي گهر ڀر ته نه ڀُلجي ويون آهيو. منهنجا ته نيڻ ئي ٿري پيا آهن توهان سيني کي ڏسي ڪري، سڀ پاڻ ۾ ملن ٿيون ۽ گڏجي ڳالهائين ٿيون.

چترا : نه هيئن آهي جو ڪٽي-پارٽي مان واپس پيا موٽون ته سوچيوسين ته ساوتريءَ جي گهران ليئو پائيندا وڃو.

شريبا : يهه ليئو پائڻ ڪيا هوتا هئه؟ هم تو فروڪ پهنتي هئن، ڪوئي نيا فروڪ نڪلا هو ته پليز مجهي ڀي دلا دو نا.

رتو : چل هٽ توکي ته سڀ ٿو کپي.

ساوتري : ڀهرين پاپڙ کائي پاڻي ته پيئو. مان ۽ جمنا هينئر اِن ئي باري ۾ ڳالهايون پيا.

پدما : نه پائي منهنجو ته پيٽ ٿو ڦاٽي، پاڻيءَ جي به جڳهه ڪونه آهي. اڄ ڪٽي پارٽيءَ ۾ تمام سٺو ناشتو هئو.

جمنا : پدما ڪهڙو حال آهي تون به هن ڪٽي پارٽيءَ ۾ آهين ڇا؟

پدما : ها هاڻي ئي جوائن ٿي آهيان.

ڪملا : ته ها توهان ڪهڙي ڇا جي باري ۾ پيون ڳالهايو.

جمنا : ڏس نه اڄڪلهه ٻار ته سنڌيءَ ۾ ڳالهائين ئي ڪونه ٿا، نونهر به اڌ سنڌي، اڌ هندي ڳالهائين، ايندي هوندن ته به فئشن ٿيون سمجهن.

شڪو : سيني جي گهر ڪارو دلو. مان ته سمجهائي-سمجهائي ٿڪجي پيئي آهيان. ماتو ٻڌن ڪٿي ٿيون.

چترا : پائي مان ته گهر ۾ هڙتال ڪئي آهي ته جيستائين ٻارن کي نه صرف سنڌي ڳالهائڻ، پر لکڻ-پڙهڻ نه سيکاريو آهي - پوءِ لکن ڀل ديوناگري لپيءَ ۾، تيستائين سُکه جو ساهه نه پٽيندس. مان بامبي پاڻيجي جي شاديءَ ۾ ويئي هئس ته اُن کان به ٽي ڏينهن اڳهه مهلا سميلن اٽينڊ ڪيو ته اُتي جو ٻولي ۽ سڀيتا جا حال ٻڌا ته منهنجا ته ڪپاٽ ئي کلي ويا ۽ قسم کڻي آيس ته گهر ۾ سيني کي سنڌي ڳالهائڻ ۽ لکڻ پڙهڻ سيکاري ئي رهندس.

پدما : پر پاڻ ڀهرين پڪ ڪريون ته اسان جواب سنڌيءَ ۾ ئي ڏينداسين ڇو جو ٻارن کي ٻوليءَ کان پري ڪرڻ ۾ اسان جو ئي پورو حصو آهي. اسان ئي ٻارن کي جنم کان ميرا منا، ميرا سونا، ڪيا ڪرتا هئا، ڪئسا هئه، ٿا ڪيون.

شڪو : مان چوان ٿي هينئر کان ئي اکيون کوليون نه ته اسان جا وڏا سنڌي ڇڏي آيا ٻولي ۽ سڀيتا کي بچائڻ لاءِ ته اُنهن جا به قرضدار ۽ ٻارن جا به ڏوهاري جو وارثي ۾ مليل ٻولي ۽ سڀيتا کان اُنهن کي بي خبر رکڻ لاءِ.

ڪملا : ڳالهه ته بلڪل صحيح ڪئي اٿو پر اِها ڳالهه ته سمجهه ۾ نه ٿي اچي ته آخر ڪيون ڇا، سنڌي اسڪول بند پيا ٿين، ٻار هندي، گجراتي ۽ انگلش ۾ پيا پڙهن جي نه ٿا پڙهن ڪاليج ۾ داخلا نوڪريون ڏکيون ٿيون ملن.

چترا : سيني کي گهر وڃڻ جي تڪڙ آهي. پر مان ٻن منٽن ۾ سمجهايان ٿي Central Gvot. پڻ اسان کي مدد ٿي ڪري، ڇهن مهنن جو سرٽيفڪيٽ ڪورس آهي. جيئن اسان هنديءَ ۾ پرويش، پرارنيڪ وغيره جا ڪورس يا ٻار French Languge Computelohe ٿا ڪن تيئن هفتي ۾ ٻه ٽي ڪلاڪ سنڌي ڪلاسن ۾ موڪلي ٽوٽل 100 ڪلاڪن جو ڪورس ڪرائي اِمتحان ڏياريون ته ٻارن کي لکڻ، پڙهڻ، ڳالهائڻ اچي ويندو. ڀل پوءِ پڙهن ڪهڙي به ڀاشا ۾. مان پاڻ اِهو ڪورس اجمير مان ڪيو آهي.

ڪملا : منهنجي ڌيءُ رنڪو ته هن طرح جو اِمتحان ڏيئي بورڊ ۾ فرسٽ آئي آهي جو اِهو ڪورس

ناٽڪ



منهنجي اَباڻي ٻولي - سنڌي اَباڻي ٻولي

- ديپا ايم. واڌواڻي (احمدآباد)

ڪلاڪار : جمنا، ساوتري، چترا، هڪوُ ڪملا، پدما، رِتوُ، شريا، سِلي، هينا.

پڙدو کُلندي ئي ساوتري سوفا تي سائي ڀاڄي وِهڻي ڪٽي. ٿورو پريان ويٺل شريا هوم ورڪ ويٺي ڪري.

ساوتري : رتوُ پُٽ اَڄ رات جو سائيءَ ڀاڄي پلاءُ ٺاهڃاڻ ۽ ٿورا مِٺا ڪٽي تُرجاڻ. اَنب پڻ سٺا پيا اَهن ته اُهي بہ وِڄاڻ، سهرٺن ڪانسواءِ ڦُلڪو تہ ڪير کائيندو ڪونہ.

رِتوُ : ها ممي اِهو تہ سڀ ٺاهيندس پر اَڄ منهنجي ساهيڙي هينا پنهنجي سَسُ سان اَچڻ واري آهي، تہ ڇا ٿوري ناشتي جي بہ تياري ڪري ڇڏيان.

ساوتري : ڀلي ڀلي.

شريا : مئن ڪب سي آپ دونو ڪي باتين سُن رهي هوُن ڪُڇ سمجهہ ۾ نهين آتا يهہ ميها ڪيا هوتا هئہ؟ سائي ڀاڄي تو مجهي بلڪل پسند نهين-

I want haka noodels & pepsi.

ساوتري : ڏئنہ نہ شريا جا نخرا. اِهي ميها ڇا ٿيندا آهن؟ هن کي تہ سچو ڏينهن نوڊلس، ڊبل ۽ مکڻ کپي.

شريا : ممي اِس ڪوشن ڪان آنسر تو بتائو نا؟

رِتوُ : لکو : My grand father's name is

Mr. Pohumal Nathani

شريا : يهہ هماري سرنيم ڪي پيڇي آڻي-واڻي ڪيون آتا هئہ، گجراتي ۾ تو شاهہ، پٽيل اينڊ نکر هوتي هئہ.

رِتوُ : يهہ سڀ باتين تو اپني دادي سي پوُڇ، مئن تو چلي رسوئي ڪرني.

شريا : (ڏاڏيءَ کي گلي لڳي) دادي، دادي آءِ لوَ يوُ. ڊوُ يوُ لوَ مِي، ڊوُ يوُ لوَ داداجي؟

ساوتري : چل هٽ شيطان ڪٿان جي، ڪلهہ جي چاول کهڙا سوال ٿي پُڇي.

شريا : مئن ڪل جائي نهين هوُن، آءِ ايم ايٽ ايئرس اولڊ.

(دروازي تي ٺڪ ٺڪ ٿي ٿئي.)

ساوتري : شريا ڏس تہ ڪير آهي؟

شريا : دادي هينا آنٽي هئہ.

(هينا، سِلي ۽ جمنا اَندر ٿيون اَچن.)

هينا : (ساوتري کي پيري پئي) آنٽي ڪهڙو حال آهي؟ ڪٿي آ رِتوُ؟ هيلو شريا هاوَ آر يوُ.

شريا : آءِ ايم فائين.

جمنا : اَدي ساوتري هري اوم.

ساوتري : هري اوم - هري اوم اَچ ويهہ جمنا. (هينا ۽ سِلي بہ ويهن ٿيون.)

ساوتري : ڪر خبر جمنا آهين ڪٿي؟ ڪيتري ٽائيم کان پوءِ ٿي ملين.

جمنا : اَدي ڇا ڪجي اڄڪلهہ هن مُئي ٽي. وي. ۽ ٻارن جي پڙهائيءَ هٽي ماڻهن کي مُنجهائي ڇڏيو آهي. ڪنهن جي گهر وڃ يا ڪير گهر اَچي تہ ڳالهائيندي-ڳالهائيندي نظر تہ ٽي. وي. جي سامهون ئي هوندن. 'تمنا'، 'يهہ رشتا ڪيا ڪهلاتا هئہ' وغيره وغيره سيريل ۾ ڇا ٿيڻو آهي؟ پوءِ ڀل گهر وارن جي تمنا پلو تي هجي پر گهرڏياڻي رڌي اَچا چانور. پلوَ ٺاهي تہ سيرِيل پوري ٿي وڃي.

ساوتري : دل جي ڳالهہ ڪئي اَٿئي. پهرئين زماني ۾ رات جو واندا ٿي ٻاهر پڌر ۾ ويهي ڳالهيون ڪندا هئاسين، ٻار پاڻ ۾ نوڙي ٽپا، سٽ تالي راند ڪندا هئا ۽ مرد پاڻ ۾ سڄي ڏينهن جو حال-اَحوال ڏيندا-وٺندا هئا.

جمنا : سچ پچ اسان بہ بال پٽر، هنداڻي جي ٻجن سان راند، لڪ ڇَپ جهڙين رانديون جو مزو ئي ٻيو هو.

ساوتري : سچ پچ اُهي ڏينهن ياد ٿا ڪيون تہ اڄ بہ سوچي ڪري دل ۾ آنند ٿو اُپري.

رِتوُ : هينا ڪئسي هئہ؟ سِلي ڪئسي هئہ؟

مڇيءَ تي سوار اُن مهاپرش جو روپ تيج بلڪل عجيب ۽ لاثاني هو. هڪ هٿ ۾ رُدراڪش جي مالها ۽ ٻئي هٿ ۾ ڀڳتن جي لاءِ آشيرواد جي مُدرا اُها سونهري مڇي ڏيري ڏيري نديءَ جي ڪناري طرف اچڻ لڳي. اُهو ڏسي ڀڳتن جئہ جهوليلال جي ڌُن لڳائڻ لڳا ءِ چئني طرفن کان بس نعرا ئي نعرا پئي گونجيا جٽڪ ڌرتي آسمان تائين بس نعرا پئي گونجيا.

ٺاڪر رتنراءِ هڪ غريب ڪسان هو. پر هوُ ڀڳوان جو ڀڳت هو. اُن جي پتنيءَ جو نالو ديوڪي هو. ٻئي جڻا ايمانداري جو جيون بسر ڪندا هئا.

جنهن وقت سنڌو نديءَ ۾ ڀڳوان جهوليلال جو روپ ڌارڻ ڪري درشن ڏنو، ٺيڪ اُن وقت ماتا ديوڪي هڪ دلڪش ۽ تيجسوي پُٽ کي جنم ڏنو. ٺاڪر رتنراءِ جي گهر ۾ پڌاريل اُن پريوءَ جي روپ کي ڏسندي ئي سمورن جون دليون ٻهڪڻ لڳيون. هاڻي ماڻهن کي پڪ ٿي تہ هي ٻالڪ اسان کي مرکہ بادشاهہ جي ظلمن کان نجات ڏياريندو. ٻالڪ جو نالو اُديہ چندر رکيو ويو. اُن جو مطلب هو تہ اپريل چنڊ جي سونهن وارو تيجسوي ۽ گيان جو نرمل نوُر ڦهلائڻ وارو. ٻار جي ماتا ۽ پاڙي واريون هن کي اُڏيرولال ۽ جهوليلال جي نالي ۽ امرلال بہ چوڻ لڳيون. اڄ تائين اُن ڏينهن کي پويتر ڏينهن چيٽي چنڊ جي نالي تي مشهور ٿيو ۽ اُن وقت اِهو ڏينهن ملهايو ويندو آهي.

هاڻي جهولڻ سائين جا چمتڪار ٻُڌي مرکہ بادشاهہ جي ننڊ ڦٽي ويئي.

ٻئي ڏينهن ٻاڪ جا ڪرڻا نڪرندي ئي بادشاهہ پنهنجي وزير يوسف کي سڏايو ۽ وري اُن سان صلاح مصلحت ڪئي. يوسف وزيرهن کي صلاح ڏني تہ هندن کي وڏا عهدا ڏيئي، للچائي هن کان جان ڇڏائڻ گهرجي نہ تہ هي ٻالڪ اسان جي بادشاهي ختم ڪري ڇڏيندو. هنن هندن کي سڏائي سمجهايو تہ اِسلام ڌرم قبول ڪيو اُن ۾ توهان جو ڀلو آهي. تنهن تي هڪ پنڊت هن کي سمجهايو تہ اسان نرنڪار روپ ڀڳوان کي پوڄيندا آهيون ۽ آڪار واري ڀڳوان کي بہ پوڄيندا آهيون تنهنڪري اسان پنهنجو ڌرم نہ بدلائينداسين. اُن کان اسان لاءِ موٽ سنو آهي ۽ هڪ هڪ هندو هن جي دربار مان نڪرڻ لڳا.

هاڻي مرکہ بادشاهہ سپنا ڏسي ڊڄي پيو تہ هڪ ٻالڪ مونکي سنڌو نديءَ ۾ ٻوڙي مونکي ۽ منهنجي وزير کي ماري رهيو آهي.

مرکہ بادشاهہ يوسف وزير کي راتوڪي ڳالهہ سربستي ڪري ٻُڌائي. يوسف کي پڻ اهو ٻُڌي عجب لڳو ۽ بادشاهہ وزير کي حڪم ڏنو تہ تون يڪدم نصرپور وڃي پتو لڳاءِ تہ ڇا ٺاڪر رتنراءِ جي گهر سچ پچ چمتڪاري ٻالڪ جنم ورتو آهي. جيڪڏهن سچ آهي تہ اُن کي قيد ڪري اچ تہ اُن کي ماري ڇڏيون.

يوسف وزير رتنراءِ جي گهر هڪ هندو جي ويس ۾ پهتو. هن سپاهي کي گهرائي بزار مان هڪ گُلاب جو گُل گهرائي ورتو. اُن گُل ۾ تيز اثر وارو زهر ڀري اُهو گُل پاڻ وٽ سنڀالي رکيو ۽ پوءِ هوُ ٺاڪر رتنراءِ جي گهر ويو.

ٻالڪ اُڏيري جي عجيب سونهن ڏسي ۽ ڪوملتا ڏسي يوسف اچرج ۾ پئجي ويو. اهڙو تيجسوي ٻار هن ڪڏهن نہ ڏٺو هو. اوچتو يوسف کي بادشاهہ جو حڪم ياد آيو هن زهر سان ڀريل گُلاب جو گُل ڪڍيو ۽ اُڏيري کي سنگهائڻ لاءِ اُن طرف جهڪڻ لڳو. يوسف وزير اِئين پئي چاهيو تہ ٻالڪ گُل سنگهڻ کان پوءِ بيهوش ٿي ويندو ۽ هن جو موٽ ٿي ويندو. اوچتو هڪ عجيب ڳالهہ ٿي اُڏيري لال جي ويجهو جيئن گُلاب آندو ويو هن اُن کي ڦوڪ ڏيئي اُڏائي ڇڏيو. جيئن ئي گُل گم ٿي ويو تيئن ۽ وزير يوسف بيهوش ٿي ڌرتيءَ تي ڪري پيو هو، اُڏيريلال جي جهولي جي ڀرسان ئي ڪري پيو هو.

اِها سڄي ڳالهہ بادشاهہ مرکہ کي ٻڌايائين ۽ چيائين تہ ٻار پيغمبر جو روپ آهي. توهان اُن جي اڳيان پنهنجي آڻ مڃيو تڏهن بہ موُلوين جي چوڻ تي جڏهن جهوليلال مرکہ بادشاهہ جي شهر ٺٽي نگر ويو تہ مرکہ بادشاهہ هن کي سپاهين جي ذريعي مارڻ جي ڪوشش ڪئي پر جڏهن سپاهي تلوار ساڄي پاسي پيا هڻن تہ هي کاٻي پاسي هليو پئي ويو. پر آخرڪار جهولڻ سائين چمتڪار ڏيکاريو. سارو ٺٽو نگر ٻوڏ ۾ ٻُڏڻ لڳو ۽ مرکہ بادشاهہ رعيت، موُلوين ساڻ گڏ قدمن ۾ جهڪي معافي ورتي ۽ چيائين تہ مونکي معاف ڪريو مان اڄ کانپوءِ هندن سان ڪڏهن بہ ظلم نہ ڪندس. جهولڻ سائينءَ چمتڪار ڏيکاري ٻوڏ کي ختم ڪيو. اهڙي نموني وزير يوسف ۽ مرکہ بادشاهہ سُڌري هلڻ لڳا ۽ جهولڻ سائين جي جئہ جئڪار ٿي ويئي ۽ هندن جو آزار ختم ٿي ويو ۽ جهولڻ سائينءَ مرکہ بادشاهہ ۽ يوسف وزير کي چيو تہ هاڻي جيڪڏهن توهان اِسلام کي بچائڻ ٿا چاهيو تہ معافي وٺڻ کان سواءِ ٻيو ڪوئي رستو ڪونهي. سڀ موُلوي هڪ آواز ۾ چوڻ لڳا پوءِ ت بادشاهہ نديءَ جي ڪناري تي وڃي ورڻ ديوتا جي اُستتي ڪئي ۽ پنهنجي گناهن جي معافي گهرڻ لڳو.

جهوليلال پنهنجي چمتڪار سان نصرپور شهر ۾ ورڻ ديوتا جو هڪ وشال مندر ٺهرايو ۽ اُهو مندر اُڏيري لال جو، جهوليلال جو امرلال جو ۽ ورڻ ديوتا جي نالي سان مشهور ٿيو.

(١) مددي ڪتاب: جهوليلال جا ڪتاب.

(٢) هندواسي ويڪلي جا پرچا

Jairam Chimanani 'Deep'
House No., A-131/1,
Nr. Dadi Sitadevi Mandir Wali Gali,
A-Ward, Kubernagar, Ahmedabad-382340.
(M) 9327693775

. پر مرڪ بادشاهه پنهنجي اڙي تان لهي ڪٿان ٿو. گڏڻ جي
ونهن ۾ ڪم پيو هو ٺڪر تي وڃي هنگي آيو.

آخرڪار سمورن پنچاينن فيصلو ڪيو اهڙي حالت ۾ اسان
ي پريوءِ جي در پرارٿنا ڪرڻ گهرجي. پريوءِ ڪانسواءِ ٻي
ڪابه شڪتي هن چڙواڳ بادشاهه جي ظلمن کان اسان کي
ڪوئي بچائي نٿو سگهي. سو فيصلو ٿيو ته سڀ سنڌو نديءَ
ي ڪناري تي گڏجي پريوءِ کي ٻاڏايون ٿا ته هن ظالم
بادشاهه کان اسان کي بچاءِ ۽ اسان جي ڌرم جي حفاظت ڪر.
هندن جو اٽل وشواس آهي ته وقت به وقت پريو پاڻ اچي
ڀڳتن ڌرم جي جٺ ڪئي آهي. سماج ۽ ڌرم کي بچايو آهي ۽
ڌرم کي وري قائم ڪيو آهي.

پاڻي جي حصي جو ڀڳوان ورڻ ديوتا ۽ ڏکئي وقت ۾
هي جي پوڄا ڪئي ويندي هئي سو بيحد ڏکي دلين سان
ڀڳوان جا پڇن ڳائي پڪارڻ لڳا. آخرڪار سيني جي پرارٿنا
ڀڳوان ورڻ ديوتا وٽ پهتي جڏهن ڪوبه سچي دل سان ڀڳوان
ي پڪاريندو آهي ته ڀڳوان اٿا ٻڌندو آهي ۽ پنهنجي ڀڳتن
ي مدد ڪندو آهي. آخرڪار ڀڳوان هن جي پڪار ٻڌي عجيب
چمتڪار ڏسڻ ۾ آيو. سنڌو نديءَ جي ڪناري تي پرارٿنا ڪندي
هندن ڏٺو ته پاڻيءَ ۾ وڏيون لهرون اٿڻ لڳيون آهن، آسمان ۾
وجلي چمڪڻ لڳي، زوردار گجگوڙ سان ماحول گونجڻ لڳو.
ٺي نگر جا رهاڪو ڊپ کان ڏڪڻ لڳا. بادشاهه مرڪ شاهه جو
سنگهاسن لڏڻ لڳو. اُن جا پوئلڳ سمجهڻ لڳا ته هاڻي قيامت
چڻ واري آهي. بادشاهه جون بيگمون ڊپ کان ڏڪڻ لڳيون.

سنڌو نديءَ تي پرارٿنا ڪندي هندن ڏٺو ته پاڻي سانت
ي چڪو آهي ۽ روشني چندن وانگر ٿڌي هئي پر اُن ۾ تابش
ڪونه هئي ايتري ۾ اُن پويتر روشنيءَ مان ڀڳتن جي پريم
ور ۾ ٻڌل ڀڳوان اچي ظاهر ٿيو. ڀڳوان نيري گهوڙي تي سوار
هو. ڀڳوان جو روپ بيحد سندر ۽ دلڪش هو.

ڀڳوان جي درشن سان سڀ ماڻهو مدمست ٿي ويا ۽ عجيب
نند محسوس ڪرڻ لڳا.

ڀڳتن کي اهڙي حالت ۾ ڏسي ڀڳوان ورڻ ديوتا پرسن ٿي
ولڻ لڳو- هي ڀڳت جنو مون توهان جي پرارٿنا قبول ڪئي
هي. مان هفتي اندر ٺاڪر رتنراءِ جي گهر جنم وٺندس، ٺاڪر
رتنراءِ نصرپور ۾ رهندو آهي. توهان هيءَ خبر مرڪ شاهه تائين
پهچايو. اسان جو تارڻهار ڌرتيءَ تي اوتار ڌارڻ ڪرڻ ايندو ۽
پنهنجن ظلمن ۽ زوراورين کان مُڪت ڪندو اِئين چوڻ کان پوءِ
ورڻ ديوتا ڀڳوان وري چيو هاڻي توهان سڀ پنهنجي پنهنجي
گهر وڃو ۽ سنگهنن ۾ رهي پنهنجي ڌرم جو پالن ڪندا رهو. هي
ظلمي راجا توهان جو وار به ونگو نه ڪري سگهندو.


هوڏانهن بادشاهه مرڪ شاهه وٽان مليل ٽن ڏينهن جي مُهلت
ختم ٿي. مرڪ شاهه جا قاضي ۽ مؤلوي اهو سوچي ڪري بيحد
خوش هئا ته هندو هارائي چُڪا آهن اِن ڪري هاڻي اسلام ڌرم
قبول ڪندا.

چوٿين ڏينهن بادشاهه پنهنجي دربار ۾ اچي خوش وينو
ته ڄاڻ هندو اچي اِسلام ڌرم قبول ڪرڻ آيا. اِهو وينو انتظار
ڪري ته ڪجهه هندن جو ٽولو دربار ۾ اچي حاضر ٿيو ۽ ٻنا
هڪ ۽ هچڪاءِ جي مرڪ بادشاهه پڇيو، توهان اِسلام ڌرم
قبول ڪرڻ آيا آهيو.

اهو ٻڌي هڪ بزرگ هن کي وراڻي ڏيئي چيو : اي بادشاهه
پريو پرميشور اَسان جي پرارٿنا ٻڌي آهي. ڀڳوان اسان کي
درشن ڏنو، ڀڳوان نيري گهوڙي تي سوار ٿي ڪري آيو هو.
ڀڳوان اسان کي دلاسو ڏنو آهي ته اٺن ڏينهن جي اندر اسان جي
مدد لاءِ ڀڳوان ايندو. نصرپور ۾ ٺاڪر رتنراءِ جي گهر ۾ ٻالڪ
جي روپ ۾ جنم وٺندو ۽ بادشاهه ڳالهه ٻڌي اٿٻڌي ڪري
ڇڏي.

سنه 1006 جو شڪروار جو ڏينهن هو- هن ڏينهن کي جمع
ڪري چوندا آهن چيٽ مهني جي ٻين تاريخ کي چيٽي چنڊ
چوندا آهن. اُن چيٽي چنڊ جي ڏينهن جي ئي ڳالهه آهي. آڪاش
بادلن سان ڇانيل هو. شام جو وقت هو، خوشبودار ٿڌي هوا جون
لهرون واتاورڻ کي دلڪش بڻائي رهيون هيون. هوا جي
جهونڪي سان لُڏندڙ وڻن جون ٽاريون چٽڪ ڪنهن مهاپرش
جي پليڪار ڪري رهيون هيون. وڻن تي وينل پکين جون
منڙيون-منڙيون لاتيون ماڻهن کي مدهوش ڪري رهيون
هيون. ايتري ۾ آسمان مان برسات جون بوندون وسڻ لڳيون
اِئين لڳو ته آسمان مان ديوتائون ڇڻ جل ابيشيڪ ڪندا هجن
اِئين لڳي رهيو هو. سنڌ جا ماڻهو وڏي انداز ۾ نصرپور ۾ اچي گڏ
ٿيا هئا ڇو ته نيري گهوڙي تي سوار ورڻ ديوتا اٺن ڏينهن ۾
نصرپور ۾ جنم وٺڻ وارو هو. اُنهن ڏينهن ۾ سنڌو ندي نصرپور وٽان
وهندي هئي. رتنراءِ جو گهر پڻ سنڌو نديءَ جي ڪناري تي هو.

ورڻ ديوتا جي ڀڳتن جون دليون مؤج ۽ مستيءَ ۾ نچي
رهيون هيون. ڪجهه دير کان پوءِ اَنيڪ پرڪارن جا شڀ سوڻ
ٿيڻ لڳا. هيءَ روپ مهان تارڻهار جي اوتار وٺڻ کان اڳ جون
نشانيون هيون. لهرن جي وچ مان هڪ پويتر روشني چمڪڻ
لڳي. سڄو ماحول اُن پويتر روشنيءَ ۾ سمائجي ويو. اُن روشنيءَ
مان هڪ ڏاڍي وڏي سونهري مڇي پر گهٽ ٿي. اُن تي سفيد
ڪپڙا پاتل هڪ مهاپرش وينو هو. اُن جي مستڪ تي هيرن
جواهرن سان جڙيل هڪ سونو مٽڪ چمڪي رهيو هو. اُن جي
ڪير جهڙي سفيد ڏاڙهي ڌُن تائين لهرائي رهي هئي. سونهري



سائين جهوليلال، اُڏيرولال، امرلال، ورڻ ديوتا جي زندگيءَ جي ڪهاڻي

- جئرام چمناڻي 'ديپ' (احمدآباد)

اسان جو ڀارت ديش هڪ مهان ۽ وشال ديش آهي. ڀارت جي سنسڪرتي دنيا ۾ سڀ کان پُراڻي آهي. حساب جوتش، درشن شاستر جو گيان ٻاهرين ملڪن جا شاگرد هن ديش مان سکي ويندا هئا. گهڻائي ديوتا هن ديش ۾ پئدا ٿيا آهن ۽ ڏکئي وقت ۾ اچي جنتا جو ساٿ ڏنو اٿائون.

اسان جي ملڪ جي اُتر اولهہ سرحد تي هڪ صوبو آهي اُن پرڳڻي جو نالو آهي سنڌ- سنڌو ندي جي ڪناري تي هجڻ ڪري هي صوبو سنڌ جي نالي سان سڏجڻ لڳو.

اڳوڻي وقت جي اَسان ڳالهہ ڪندا آهيون. اسان جنهن راجا ڏاهر کي ياد ڪندا آهيون اُهو راجا بہ هتان جو راجاهو.

سنڌ ۾ هڪ نگر هو نَتو- اِتهاس مطابق جيڪو اصل هڪ ماڻهن جو نَٽ هوندو هو پوءِ وڏي شهر ٿيو ۽ نالو پيو نَتو نگر- اُتي مرکہ شاهہ نالي بادشاهہ جي حڪومت هئي. اِهو بادشاهہ نَتي ۾ رهندو هو. جيڪو مولوين جي چوڻ تي اِهو چاهيندو هو تہ هن ملڪ جي هندن کي مسلمان ڪيو وڃي. هيءَ ڳالهہ عيسوي سنہ 950 يعني وڪرم سنبت 1007 جي آهي. سنڌو نديءَ کان نَتي تائين هڪ نهر هئي- نهر جو نالو هو مرکہ نهر- اُن نهر مان نَتي کي پاڻي ملندو هو. اُن نهر جي ڪري نَتي شهر ۾ کجور ڏاڍي ٿيندي هئي. نَتي جو شهر وڏو سندر ۽ سرسبز هوندو هو. اُتي کجور جا واپاري ڏاڍو ايندا هئا ۽ کجور جي ڪم مان نَتي جا ماڻهو شاهوڪار ٿي ويا هئا. نَتي جو شهر ٽڪريءَ تي وسيل هو. هاڻي دل موهيندڙ پهاڙيءَ تي اٽڪل سوا لکہ ساڌو سنت، پير فقير رهندا هئا. اڄ بہ اُنهن ساڌن، سنتن ۽ پيرن فقيرن جون سماڌيون ۽ قبرون آهن. نَتو شهر سنڌ جو هڪ سٺو بندر بہ هو. هڪ هزار سال اڳ سنڌ هڪ آزاد ديش هو. نائين صديءَ تائين اُن جي شاهوڪاريءَ جا ڪيترا ئي ثبوت ملندا رهيا. سنڌو ندي نَتي کان نصرپور تائين وهندي هئي. اُن ڪري نَتو شهر مشهور ٿي چُڪو هو ڇو تہ ننڍا-وڏا جهاز، ٻيڙا ٻيڙيون بندر تي اچي لنگر وجهندا هئا.

مرکہ بادشاهہ ڪٽر مسلمان هو- اُن جا خوشامدڙيا مولوي اُن جا ڪن ڀريندا رهندا هئا. مولوي بادشاهہ کي پيا سمجهائيندا هئا تہ سائين توهان هندن جو ڌرم بدلائي اِسلام ڌرم ۾ آڻڻ جون ڪوششون ڪيو. اَهڙي طريقي توهان وڏو جس ڪٽندا.

بادشاهہ کي اِها ڳالهہ وڻي ويئي. سوچيائين تہ اِئن ڪرڻ سان اِسلام ڌرم جو ڦهلاءُ بہ ٿيندو ۽ سڄي سنڌ جا ماڻهو هڪ ئي ڌرم پالڻ وارا بڻجي ويندا اِنڪري هن خاص مولوين ۽ قاضين کي گهرائي ڇيو منهنجي مرضي ۽ اُمنگ آهي تہ سڄي سنڌ ۾ اِسلام ڌرم هجي.

مسلم مولوي ۽ قاضي هندن سان تعصب ڪندا هئا. ڇو تہ هندو لوڪ محنتي-مشڪت ۽ پنهنجي محنت سان روٽي ڪمائي کائيندا هئا.

بادشاهہ وزيرن کي حڪم ڏنو تہ سموري صوبي ۾ هوڪو ڏياريو وڃي تہ سيئي هندو اِسلام ڌرم قبول ڪن نہ تہ اُنهن کي زوري ۽ زبردستيءَ سان مسلمان بڻايو ويندو. وزيرن بادشاهي جي حڪم مطابق گهٽي-گهٽي ۾ اِهو ڍنڍورو گهمايو. اِسلام ڌرم قبول ڪرڻ لاءِ هندن کي هڪ هفتي جو وقت ڏنو ويو. هي سڄو سماچار سنڌ ۾ وڄ وانگر پکڙجي ويو. هندو سارا دهشت ۽ ڌهڪاءُ ۾ اَچي ويا. هڪ بزرگہ هندو سمورن هندن جي پئنچايت کي چوائي موڪليو تہ اسان جي مهان گرنٿ گيتا ۾ ڀڳوان شري ڪرشن چيو آهي تہ پرائو ڌرم قبول ڪرڻ کان تہ موت قبول ڪرڻ بهتر آهي. هاڻي تِوهان گڏجي فيصلو ڪريو تہ هن مصيبت جي وقت ۾ اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي. ''ٻڏو گهڙو پاڻ کي پاڻهي ڇانوَ ۾ وهاري.'' وڪرمي سنبت 1006 يعني عيسوي سنہ 950 جو سال جمع جي ڏينهن وديارٿي اِسڪولن ۾ پڙهڻ ويا هئا. پرڌان منتري يوسف سيني ٻارن کي پڪڙي مسجد ۾ سڏايو- ٻارن جا جڻيا ڪٽيا ويا. اُنهن جون ٽوٽيون ڪٽيون ويون. اُنهن کان قلمو پڙهائي زوريءَ مسلمان بڻايو ويو. بادشاهہ مرکہ شاهہ هن گهڻنا کان پوءِ هڪ نئون حڪم نامو جاري ڪيو. روزانو ان طرح ٻارن جا جڻيا چوٽيون ڪٽي قلمو پڙهايو وڃي ۽ چيائين فرمان ۾ تہ جيئن هرروز جڻين ۽ چوٽين جو وزن سوا سير پنج يعني پنج پاءُ ٿيڻ گهرجي.

هندن ٿڏائي سان سوچڻ شروع ڪيو تہ هن گهڻنا سان ڪهڙي نموني منهن ڏجي. هنن ڳوٺ-ڳوٺ مان خاص هندو پئنچن کي ۽ مکيہ شخصن کي سڏايو تہ هن ظالم بادشاهہ سان ڪيئن منهن ڏجي. هندن کي هڪ پاسي ٻاهہ ٻئي پاسي پاڻي نظر اچي پيو. سو هنن سوچيو تہ هلي مرکہ بادشاهہ کي سمجهايون

خونريزي، قتل-اي-عام ڪندا ويا. ماڻهن ۾ هراس ڦهلائي زبرن مسلم ڌرم قبول ڪرائيندا ويا.

راجا ڏاهر ڪافي جنگيون لڙيون. همت بلڪل نه هاريائين. پر دشمن عربن جو وڏو لشڪر هو جنهن سبب هُو ڪمزور بڻجي ويو. ڪافي لشڪر ٻه ڪُسجي ويس. پاڻ آخر تائين جنگ جي ميدان ۾ لڙندو رهيو. شهيد ٿي ويو. تيستائين عربن جي لشڪر سان لڙندو رهيو.

هاڻ اِسلام جو زور وڌندو ويو. مسلم عرب جي ظلم-و-ستم جي ڪري پرجا دکي ٿيڻ لڳي. هڪ ڏينهن سنڌو درياهه تي وڃي هندو سنڌي ايشور کي ٻاڏائڻ لڳا. دُکي هندو پرجا وروڻ ديو کي راضي ڪرڻ لاءِ (40) چاليهه ڏينهن ساندهه تپسيا ڪيائون. اِهو ڏسي ڪري وروڻ ديو پلي تي سوار ٿي درياهه مان پرگهٽ ٿيو. درياهه شاهه کي ڏسي پرجا ڌنيه ٿي ويئي. جهولڻ جو چمتڪاري روپ ڏسندي ئي ماڻهن جي چهري تي چمڪ اچي ويئي.

وروڻ ديو ڪجهه ئي دير ۾ غائب ٿي ويو. اينتري ۾ آسمان مان آڪاشواڻي ٿي ته جلد از جلد پاپ کي ناس ڪرڻ واسطي نصرپور جي ڳوٺ ۾ ٺڪر رتنراءِ جي گهر ۾ ديوڪيءَ جي گرڀ مان جنم وٺي ايندس. سيني جا دک دُور ڪندس.

بلڪل صحيح وقت تي نصرپور جي ڳوٺ ۾ رتنراءِ جي گهر ۾ ديوڪيءَ جي گرڀ مان جنم ورتو.

هر طرف وڃ وانگر خبر پکڙجي ويئي. سڀني ماڻهن جا چهرا سرها ڏسڻ ۾ آيا. ٻار جو نالو رکيو ويو اُديچند. ٻار ننڍي هوندي کان چمتڪاري هو.

ٻارُ چمتڪاري آهي اِها ڳالهه ٻُڌي راجا مرکہ شاهه جون اکيون ڦاٽي ويون.

ٻار کي بندي ٺاهي ڪاراگرهه ۾ رکڻ جي يوجنا ٺاهي پر اُديچند ڇاٽي ڇاٽهار هو. جيئن ئي لشڪر ڪٽي ڪڙڪيو. پر جهولڻ جي چمتڪارڪ ابيشوريه شڪتي جي ڪارڻ سڄو ئي لشڪر ڪمزور پئجي ويو. مرکہ شاهه ڇا ڏٺو ته ٻار پينگهي ۾ ٽنگ ٽنگ تي چاڙهي رانديڪي سان راند پيو ڪري! اِهو ڏسي مرکہ شاهه وڃي پٽ ڪريو ۽ بيهوش ٿي ويو. لشڪر راجا کي ڪٽي قلعي ڏانهن روانو ٿي ويو.

ڪجهه عرصو گذريو پر تڏهن ٻه مرکہ شاهه ۾ ڪابه تبديلي ڪانه آئي. ويرانوير ظلم وڌندو ويو. اُڏيريلال جهولڻ کي خبر وڃي پيئي ته اڃا تائين مرکہ شاهه سڌو ڪونہ ٿيو آهي.

هڪ ڏينهن جهولڻ مرکہ شاهه کي نياپو موڪليو ته اڃا تو بدمعاشيون بند نہ ڪيون آهن. هاڻ تنهنجو وقت آخري بلڪل ويجهو اچي پهتو اٿيئي.

اُن کان پوءِ به نہ مڙيو. هڪ ڏينهن اُديچند گهوڙي تي سوار ٿي قلعي تي پهتو. اُتان للڪاريندي چيائين ته محل مان لهي هيٺ اچ.

مرکہ شاهه پاڻ سان هٿيار ڪٽي هيٺ پهتو اچي جهولڻ جي سامهون بيٺو. جهولڻ چيس ته مان ڪنهن به قسم جو خون خرابو نہ ڪندس. هاڻ تون ڏس منهنجي هٿ ۾ ڇا آهي. مرکہ چيو ته هيءُ ته ٻصر آهي.

جهولڻ چيس ته پنهنجا ماڻهو موڪل وکار ۾ ۽ مان هت ٻصر ڪٽيندس. اُن وقت سڀ ٻصر ڪٽيل ملندئي. بر وقت ماڻهو وکار ۾ پهتا جا ڪٽي دروازو کولين ته سڀ ٻصر پوري وکار ڪٽي پيئي آهي.

ماڻهون راجا کي سچي حقيقت ڪئي. اِهو ٻُڌي ڪري مرکہ جهولڻ جي پيرن تي ڪري پيو. ليلائڻ لڳو ته مونکي معاف ڪر. جهولڻ راجا کي معاف ڪيو. مرکہ شاهه جهولڻ جو مُريد ٿي رهيو جيستائين هُو آخرات کي پهچي تيستائين.

ڏکايل، رنجايل ماڻهو ويچارا نچڻ ٽپڻ لڳا، نعرا لڳائڻ لڳا.

اُن ڏينهن کان اڄ ڏينهن تائين هندو سنڌي جهوليلال جو جنم ڏينهن وڏي ڌام ڌوم سان ملهائيندا آهن. سنڌ توڙي هند ۾ چيٽي چنڊ جو اُتسوَ جتي سنڌي هوندا آهن اُتي وڏي شان-مان سان ملهائيندا آهن.

ڪاٺ جو بهراڻو ٺاهي اُن ۾ جل ۽ جيوت جي اِستاپنا ڪندا آهن. اُهو بهراڻو هرهڪ گهر گهر مان گهمائيندا آهن. قسم قسم جون سوين جهانڪيون سرگس جي روپ ۾ ڪڍندا آهن. آخر ۾ نديءَ ۾ وسرجن ڪري پروان ڪندا آهن.

هن اُتسو ۾ غريب هجي يا امير اُن ۾ ڪوبه ڀيد ڀاو نہ رکندا آهن. سموهه پوڄن جو پروگرام رکيو ويندو آهي.

رات جو سنڌين جي پڳت جو پروگرام خاص هوندو آهي.

سنڌو هڪ اوچ قديم سڀيتا آهي. سنڌو نديءَ جي ڪناري تي اسان جي رشين منين رُکہ ويد جي رچنا ڪئي هئي.

نوٽ : اسان سنڌين کي ايشور جي روپ ۾ اوتار مليل آهي. پوءِ ٻين پاسن ڀٽڪڻ نہ گهرجي.

Kimat Teckchand Motwani
Satkar Avenu, Block C/301, N.H. 8,
Nr. Naroda Railway Crossing,
Beside Hanuman Temple, Naroda,
Ahmedabad. Mob. : 9979984795



چيٽي چنڊ

- قيمت موٽواڻي (احمدآباد)

سنڌ پرديس ۾ اڄ کان 1100 سال اڳ ۾ هڪ ظلمي راجا راڄ ڪندو هو. اُن راجا جو نالو مرڪ شاهه هو. اڪثر پرجا تي ظلم ڪندو هو ۽ ڪاف ڪشت ڏيندو رهندو هو.

چارو طرف ڌارمڪ آستان، مندر، ٺڪاڻا، بتخانه نيست-و-نابود ڪري ڇڏيا هئائين. پرجا ڪافي دکي رهڻ لڳي. ڊپ و هراس ڦهلائي ماڻهن کي زبردستي اِسلام قبول ڪرائيندو تي ويو.

پرجا کي پنهنجو مول ڌرم وڌيڪ عزيز تي لڳو ڇو جو اُهو ڌرم اُنهن کي سندن ابن-ڏاڏن وٽان وارثي ۾ مليل هو. تنهن ڪري اُنهن کي ديوي ديوتائن کان ڪنارو ڪرڻ مناسب نٿي لڳو.



راجا مرڪ شاهه جي راڄ کان پهرين سنڌو پرديس تي سناتن ڌرم کي مڃيندڙ راءِ گهراڻي جي حڪومت هوندي هئي.

راءِ ساهسي راءِ جي عمر وڏي، ڪيس هڪ به وارث نه هوس، زال سونهن ديوي نندي نيتي هئي. ڪجهه سميه گذرڻ کانپوءِ وڏي عمر ۽ بيماريءَ جي ڪارڻ هن فاني دنيا مان چالاڻو ڪري ويو. حڪومت جون واڳون وزير ڇڇ جي هٿ ۾ هيون. راڻيءَ کي راءِ مان وارث نه هجڻ سبب حڪومت وڃائڻ جو ڊپ ڪائي ويس.

راڻي سونهن ديويءَ سياڻپ ڪري شهر جي وڏيرن، اميرن، مُکين ماڻهن کي سڏ ڪرايو ۽ اُنهن کي سڄي ڳالهه کان واقف ڪرايائين ته مونکي راجا مان ڪو به وارث ڪونهي ۽ عمر جي لحاظ کان نندي نيتي آهيان وارث نه هئڻ ڪري راڄ هٿن مان نڪري ويندو بهتر ڏيندو ته توهان مونکي پنهنجي هٿن سان وزير ڇڇ سان ويڏيءَ تي ويهاريو. اِها ڳالهه-رٽ نگرواسين کي وٽي ۽ راڻيءَ کي وزير ڇڇ سان لائون لهڻ لاءِ رضامندي ڏيکاري.

هاڻي راڻي ڇڇ سان خوش رهڻ لڳي ۽ راجائي ملڻ تي ڇڇ پڻ وفاداري، هوشياريءَ سان راڄ جو ڪم سنڀاليندو رهيو. راڻيءَ کي راجا ڇڇ مان ٻه ٻار ڄاوا. هڪ پٽ هڪ ڏاهرسين ۽ ٻيو ڏاهر ۽ هڪ ڌيءُ جو جنهن نالو هابين رکيو.

گهڻي عرصي تائين راجا ڇڇ آرام فرمايو. راجا ڇڇ برهمڻ گهراڻي مان هو. جنهن ڪري ڪافي تعليم يافته علم جو ڄاڻو، سرڪاري ڪمن جي ماهريت خاص ڳالهه اِها ته چارئي ويد (1. رگ ويد 2. يجر ويد 3. اٿر ويد 4. سام ويد) برزبان ياد هئس.

راجا ڇڇ راءِ ساهسي جي وقت ۾ حڪومت جون سرحدن کان واقف ٿيڻ لڳو. اهڙيءَ طرح سڄي ملڪ جي اِنتظام کان برابر ڄاڻ رکندو هو.

ملڪ جي وزيرن، نائبن کي پنهنجن هٿن ۾ آڻيندو ويو. خاطرداري ڪندو ويو.

اُتر ۾ ڪشمير جي ڏاڪڻي حصي تائين ۽ اولهه ۾ ايران جي ڪرمان تائين ملڪ جون حدون پکيون ڪندو ويو. هر ننڍو وڏو راجا ڇڇ جي طاقت جي آڏ مڃيندو ويو. سپت سنڌو جي جهنڊي هيٺان پاڻ کي سلامت ڪندو ويو.

پوري ملڪ جي پاسخاطري ڪرڻ کانپوءِ واپس اچي تخت گاهه اروڙ (الور) ۾ آرام فرمايائين.

هاڻ راجا ڇڇ سمرات جي پدويءَ تي پهتو. عمر جي آخر تائين سمرات ڇڇ اروڙ ۾ گذاريو.

سمرات ڇڇ کان پوءِ حڪومت جو واڳون راجا ڏاهر کي مليون. راجا ڏاهر ڪافي سورُوير هو، گهڻين جنگين جو تجربو هوس. هن جي راڄ واري عرصي ۾ عربن ڪاهه ڪئي.



گرو گرنٿ صاحب جي سکيا جو سار

پرارٿنا ڇا آهي؟

- مرلي سريچنداڻي (آديپور)

کنهن پريميءَ هٿ جوڙي پنهنجي گرديو کي وينتي
ي تہ سائين سچي پرارٿنا کهڙي آهي؟ گرديو پريميءَ جو
ل ٻڌي مُسڪرائي کيس اُتر ڏين ٿا تہ - پرارٿنا آهي منش
پرماتما جي در تي پُڪار. هرهڪ پُڪاريندڙ جي پُڪار جو
نو پنهنجو پنهنجوآهي پر اونائيندڙ سڀ سُنت (جلد) ٿي
جهي وڃي ٿو، ڇوتہ پُڪاريندڙ ۽ اونائيندڙ جي وچ ۾ هڪ
بنا تار ڳنڍي بيٺي آهي، جا دم دم پئي ٿي پيغام
ڇائي ۽ جواب ورائي. نيٺ تہ پرماتما جو پرزو، هر جيو جي
، هردم جاڳي رهيو آهي ۽ جيوَ جي جاڳائڻ لاءِ جَتن ڪري
يو آهي.

درد جي دانهن آهي. دل مان نڪتي ناهي تہ دلبر ٻڌي
ي. ڏٺيءَ جي در تي ناحق نہ آهي. سڀ کي حق پلئہ پوي
لائقيءَ آهر دوا سان دُعا جا داڻا بہ ڳڏجي اَچن ٿا. جي ايمان
آزمائڻ گهرجن. هاڻي جاچڻو آهي تہ اُهو درد يا ڏُکہ کهڙو
ي- جنهن جي دانهن ٿي نڪري؟ اِنسان کي اندر ۾ انيڪ
هن آهن تہ دل جي درد جون دانهون بہ بيشمار آهن. ڪو
ش نہ آهي! هرڪو ڏُکي آهي!! جيئن گرونانڪ صاحب
نجي ٻاڻيءَ ۾ هڪ هنڌ لکن ٿا تہ :

''نانڪ ڏُکيئا سڀ سنسار،
سو سُکيئا جسڪو نامُ آهي آڌار.''

ڪو ٻئي جي سُکہ ڪري ڏُکي آهي تہ ڪو پنهنجي حال تي
ي نہ آهي. اهڙي ڏُکہ جا ڪئين ڪارڻ آهن جهڙوڪ: خيالي،
خان اير ڪا، حسد جي حسرت، ڪام ۽ ڪروڌ جا ڪشٽ، لوڀ
هہ جو لڳاوَ، بيماري ۽ بي آرامي، بيڪاري ۽ بيقراري،
تي آپدا، اَولاد جي اَچڻ جي آس، اَولاد جي وڃڻ جو ونجوڳہ.
ب تہ سرير جا سوُر، سنٻنڌين جا سوُر، يا سنسار جا سوُر،
ديهيءَ کي ڏُکائين ٿا، من کي منجهائين ٿا. دل کي
ڪائين ٿا.

